# خوني

[ حياتيءَ جو هڪڙو حيرت انگيز نظارو ]

احمد غلام علي چاگلا

ٽاگور ڊراميٽڪ ڪلب

حيدرآباد

١٩٣١

# خوني

[ حياتيءَ جو هڪڙو حيرت انگيز نظارو ]

"پری نهفته رخ و دیو در کرشمه و ناز
بسوخت دیده ز حیرت که این چه بوالعجبی ست!"
حافظ

احمد غلام علي چاڳلا

---

ڇپائيندڙ
ٽاگور ڊراميٽڪ ڪلب
حيدرآباد
١٩٣١

هي ڪتاب حيدرآباد ٽاگور ڊراميٽڪ
ڪلب پنهنجي خرچ سان ڇپائي پڌرو
ڪيو آهي.

هن ڪتاب جو ڪنهن به حصي
ڇپائڻ يا انهيءَ کي سٽيج تي آڻڻ جي
سخت منع آهـــي. سنڌي زبان ۾
”خوني“ جي ڇپائڻ، سٽيج تي آڻڻ وغيره
جا سڀ حق ۽ واسطا، حيدرآباد ٽاگور
ڪلب جي حوالي آهن.

شمس العلما

مرحوم

قليچ بيگ فريدون بيگ ميرزا

جي

پاڪ يادگيريءَ ۾

ا. غ. چ

هن ناٽڪ جي ٻئي باب ۾ ذيل غزل، ”ديوانو هجي..


مرحوم ميرزا صاحب

اھڙو!“ مرحوم ميرزا صاحب جو هڪ اڻ ڇپيل غزل آهي، جو ميرزا صاحب پنهنجي اڻ ڇپيل آخرين ناٽڪ ”شهزاد و بهرام“ ۾ مهربانوءَ جي واتون چوايو آهي. اِهو ”هيمليٽ“ تان ترجمو ٿيل آهي، جو خاص منهنجي عرض و درخواست تي ڪيو هوائين. ڪن سببن جي ڪري اهو ناٽڪ آءٌ بروقت سٽيج تي آڻي نه سگهيس. انهيءَ وچ ۾ ميرزا صاحب گذاري ويو. تقدير! هن ناٽڪ ۾ اِهو غزل مرحوم جي يادگيريءَ طور پيش ڪيو ٿو وڃي.

۱۹۱۹ع کانونيءَ آخرين دم تائين ميرزا صاحب جي مونتي خاص عنايت جي نظر هئي. اُنهيءَ جي شڪر گذاري ادا ڪندي، سنڌ جي تعليم يافته باشندن کي التجا ٿو ڪريان ته سندس اڻ ڇپيل ڪتابن کي ڇپائڻ ۽ سندس يادگيري قائم ڪرڻ جي ڪا رٿ جاري ڪرڻ گهرجي. اِها عجب جهڙي ڳالهه ڪين ڇٽبي جو ميرزا صاحب، جنهنجا سنڌ جي ساهت تي هيڏا احسان، بلڪ جنهنجا ڪتاب پڙهنديئي سنڌي ٻار ٻچپڻ کان جوانيءَ ۽ جوانيءَ کان پيريءَ ڪــي تا پهچن، انهيءَ جي يادگيريءَ قائم ڪرڻ جو ڪنهن سوال ئي نه اُٿاريو آهي!

ميرزا صاحب جي علمي خزاني جا ٿورسٽي ڇا پيا ڪن؟
ا.غ.چ

---

مهاڳ ۾ فقير جي واتون چوايل ڏوهيڙا سي شاهه جي رسالي مان ورتل آهن.

# مقدمو

ڪتاب اڃا ڇپيو ڪونہ هو. حيدرآباد ۾ يارن،
نظر مان پئي ڪڍيو.

آءُ سانگي سان اُنهي ٽاڻي حيدرآباد هوس. اُتي،
هڪڙي ۾ پريتم وٽ منهنجو وڃڻ ٿيو.

منهنجي سڌ تي اُتي در وٽ آيو؛ ۾ عجب ڪهڙو
جو رُنائين پئي!

پڇيو مانس: ڇو؟ تہ هن ڪتاب جو دستخط
ڏيکاري، ڇپائينم: هي وينو پڙهان.

”خوني“ جو مضمون اڪر بہ اکر خود احمد چاڳلا
جي واتون يڪيءَ ڀڪيءَ ٻڌو مون بہ هو؛ ۽ ٽپي
ٽپي تي اکيون پاٽيءَ سان پُرِ منهنجون بہ ٿيون هيون؛
۾ مون وڏيون مڃرايون اُنهيءَ ويل احمد چاڳلا جي
پڙهڻ ڪي پئي ڏنيون.

ڳالهہ ۾ پنهنجو ذاتي ڳڻ ڪيترو هو، انهي باري ۾
مون اڃا راءِ نهرائي نہ هئي.

هنئر مونکي پڪ ٿيڻ لڳي تہ ڳالهہ ۾ پنهنجو ذاتي
ڳڻ بہ جهجهو ئي هو.

پوءِ تہ "خوني" جو سارو مضمون اکر اکر ڪري مونکي اُتلائڻو پنهنجي سِر پيو.

ٿوري، گهڻي جيڪا عبارت جي ڦير گهيرڪرڻي هئي، اُها ڪئي ويئي.

پر جئين تي مون دستخط جا ورق ورايا، جئين تي مون قلم قلم تي اک ڦيرائي، جئين تي مون اکر اکر ڪري اُتلايو، تئين تي مونکي ناٽڪ نويسيءَ ۾ احمد چاڳلا جي قابلڪاري ذهن نشين ٿي.

آءٌ ڀانيانٿو تہ سنڌيءَ ۾ ناٽڪ نويسيءَ کي سچو پچو نئون ڍنگ احمد چاڳلا جو هيءُ "خوني" نالي کيل ٿي وٺائيندو.

انهيءَ ڏس ۾ اُدم بين بہ ڪيا آهن؛ سنڌيءَ جي پيار وارا جوڳو قدر اُنهنجو بہ ڪن پيا؛ پر هن "خوني" واري کيل مان ڏسبو تہ احمد چاڳلا پنهنجو مَٽُ پاڻ آهي.

لالچند امرڏنومل جڳتياڻي

---

# فرض ادائي

حيدرآباد جي ٽاگور ڪلب اڄ ڏينهن تائين چار ناٽڪ ڇپائي پڌرا ڪيا آهن، جنمان ٻن ڇڱو نالو ڪڍيو آهي: ڊڪٽر و" ملڪ جا مدبر" ۽ ٻيو "عمر ماروئي." سٽيج تي به جيڪا ڪاميابي انهن ٻن ناٽڪن، ۽ خاص ڪري "عمر ماروئي" کي حاصل ٿي، سا حيدرآباد ٽاگور ڪلب جي ٻئي ڪنهن ناٽڪ کي ٿي ڪانهي، بلڪ ڪنهن ورلي سنڌي ناٽڪ کي ٿي هوندي.

"ملڪ جا مدبر" جي مهاڳ ۾ مصنف لکي ٿو: "جيڪا سچي مدد مونکي مسٽر لالچند امرڏنو مل کان ملي آهي، تنهنجي شڪرانيءَ لاءِ مان سهائيندڙ لفظن سوچي سگهان. جيڪڏهن مسٽر لالچند هن ڪتاب جي رٿا کي پنهنجي زبان جي مٺاڻ سان نه چمڪائي ها، ته هاٺوڪي لالائيءَ تي هرگز نه رسي سگهي ها. سنڌيءَ جي پيارن کي چڱيءَ طرح ڄاڻ هوندو ته مسٽر لالچند کي سنڌي ٻوليءَ جي ڪيتري نه ماهيت آهي ۽ جيڪا مدد مونکي مسٽر لالچند ڏني آهي تنهن لاءِ آءٌ هن جو تهدل شڪرگذار آهيان."

"خوني" جي عبارت بابت به آءٌ پنهنجي طرفان ساڳيا اکـــر آڻـــي ڪجھ قدر فرض ادائي ڪري سگھان ٿو. فقط ايترو سو آهي ته "ملڪ جا مدبر" واري زماني ۾ اُستاد پنهنجي سر اِڇا ناٽڪ ڪين لکيو هو، جنهنڪري مصنف فقط سندس "سنڌي ٻوليءَ جي ماهيت" جو ذڪر ڪيو آهي. پر گذريل سالن ۾ اُستاد جي علميت جي ايتري ته شهرت ٿي چڪي آهي، جو اڄ ڪلھ ٻنا ڪنهن شڪ شبهي جي ڪيس سنڌي زبان جو اعليٰ درجي جو اُستاد ڪوني سگهجي ٿو. جيڪا فتحمندي سندس "عمر ماروئي" ۽ ٻين ڪتابن ڪي حاصل ٿي آهي، سا به خاص سندس عبارت جي خوبيءَ جي ڪري، اُها انهيءَ ڳالھ جي سند آهي. هن ڪتاب جي عبارت به اُستاد جي آهي. اِها منهنجي ۽ ٿاڳور ڪلب جي خوش نصيبي چئبي، جو اُستاد هن مضمون جي جملي جملي کي پنهنجي نظر مان ڪڍي، منهنجن ڪچن ڦڪن لفظن کي پنهنجي علميت جو رنگ ڏنو. پروف به سڀ اُستاد ڏٺا. سارو جس هُنَ لهڻو. هڪڙي اُبوجھ شاگرد سان اُستاد پنهنجو لائق ڪيو آهي. آءٌ زياده ڇا چوان!

مونکي ٽاگور ڪلب وارن دوستن، مسٽر ڏيئلمل، مسٽر وليرام، مسٽر رامچند، مسٽر ڪوڏومل (۽ هڪڙي ٻئي!) جي مروت ۽ مهرباني جو به شڪر ادا ڪرڻ جڳائي. اجائي نڪته چينيءَ کي پاسي رکي، هن نئين قسم جي ناٽڪ کي نئين طرح سان سٽيج تي آڻڻ جي جوابداري سر تي کڻي،: انهن يارن وري به پاڪي علم ۽ هنر جو سچو شوقين ۽ قدردان ثابت ڪيو آهي. "خوني" تي جيڪو به خرچ ڪيو اٿن، (۽ گهڻوئي خرچ ٿي ويو آهي!) ۽ پاڻ جيڪا محنت ڪئي اٿن، تنهنکي آءٌ خود پنهنجي محنت جي قدرداني ٿو سمجهان.

آخر ۾ دل پيو هڻان ته اُنهيءَ هستيءَ جو به شڪريه ادا ڪريان يا نه، جنهنجي همت، سرجوشيءَ ۽ اڳوانيءَ کانسواءِ نه هي ڪتاب ٽاگور ڪلب وارن جي نظر چڙهي ها، نه سندن طرفان خلق جي پيش ٿئي ها. آءٌ دل انهيءَ لاءِ پيو هڻان، جو جنهن وقت کان وٺي اسين ٻئي "ستار سٽرنگس" ۽ "ستار پليئرس" جي اڳوانيءَ ۾ هڪ ٻئي جا رفيق ۽ مددگار ٿيا آهيون، تنهن وقت کان وٺي هرڪنهن سٽيج جي معاملي ۾ اسانجو حال "من تو شدم، تو من شدي" وارو ٿي رهيو آهي!

پوءِ آءٌ سندس شڪر گذاري ڪئن ڪريان؟ آءٌ ته سندس ٿالو بـــــ ڪين وٺندس. ڇو وٺان؟ اُها عظيم الشان عام خلقت، جنهنکي مدت کان جو وقت بوقت "عمر ماروئي" ۾ "وڳند"، ۽ "واه ڪراچي" ۾ "چمت" جي ويس ۾ ريجهائي، گهڙي اڌ سندن دلين ۾ خوشيءَ جو واسو ڦهلائي، ڪين پنهنجو احسانمند بنائي رهيو آهي، تنهن مان ٻه شايد ڪن ٿورن کي خبر هوندي ته روز مره جي زندگيءَ ۾ "وڳند" ۽ "چمت" هيراننڊ آڏواڻيءَ جي بردبار نـــالي سان سڏيو ٿو وڃي! پوءِ آءٌ سندس ٿالو ڇو وٺان؟ فقط ايترو چوندس ته جڏهن سنڌي سٽيج جي تاريخ لکجي، ۽ لکندڙ ڪو ايماندار شخص هوندو، (نه اهڙو جنهنکي پنهنجن ڪرتوتن کانسواءِ ٻيو ڪي ٻه نه سُجهي،) تڏهن ڊائريڪٽرن ۾ انهيءَ اُستاد جو نالو پهرين نمبر ۾ لکبو.

حقير

ا. غ. چ

# پيش اکر

هن ناٽڪ جي روُپ ريکا گهڻي قدر ”قاتل“ نالي ترڪي ناٽڪ تي ٻڌل آهي، جينوٽيڪ ويس ڌاري جيڪي به چون ڪن ٿا اُهو، توڙي مهاڳ، منهنجو پنهنجو رٿيل آهي. ترڪيءَ وارن به هي ناٽڪ جرمنيءَ جي هڪ ناميار ي ناٽڪ نويس رچرڊ ووس (جنم ١٨٥١) جي ناٽڪ تان ورتو آهي؛ پر ترڪيءَ وارن پنهنجي ناٽڪ ۾ ويس ڌارين جا نالا ڦيرايا ڪين آهن، اصلوڪا جرمن نالا ئي هلائي ڏنا اٿن. مون نه رڳو نالا ڦيرايا آهن، پر ٻئي ۽ ٽئين باب ۾، بلڪ روپ ريکا ۾ رٿا به جيڪيسو ڪٽي سنڌي ڍانچي تي ٻڌاري آهي.

”قاتل“ جو کيل مون نومبر ١٩٢٩ع ۾ استنبول جي مشهور ترڪي قومي ناٽڪ شالا ۾ ڏٺو. اِها ناٽڪ شالا ترڪي انقلاب جي شروعات ۾ ڪن ٿورڙن علم ۽ هنر جي شوقين مردن توڙي زالن برپا ڪئي هئي. انهي ناٽڪ شالا قدم بقدم اينتري ترقي ڪئي، ۽ منجهس جيڪي کيل ٿيا، اُنهن جو اثر ترڪيءَ جي قومي ۽ پنگتي زندگيءَ تي ايڏو ٿيو، جو هاڻ اها ناٽڪ شالا ميونسپل جي هٿ هيٺ آهي، ۽ ترڪي پارليامينٽ وٽان کيس ساليانو اِمداد به ملي ٿي. وڏي ڳالهه اِها آهي ته منجهس فقط

تعليم يافته خانداني ۽ آبرودار مرد توڙي زالون پارٽ
ڪندڙ آهن، جي ناٽڪي فن کي وڏي قومي خدمت سمجهي،
ناٽڪ شالا کي دل وجان سان مدد ڏيئي رهيا آهن. نج
ترڪي ناٽڪن سان گڏ يورپ جي بين مشهور ۽ ذهين ناٽڪن
جا ترڪي ترجما به سٽيج تي آندا تا وڃن. [ڏسو ٣-١٩٢٩
جو پروگرام.] خواب غفلت مان جيڪيسو بيدار ٿيل، پر
اڃا به هيٺين حال هندستان لاءِ اهو وقت ڪڏهن ايندو؟

مون ڏٺو ته "قاتل" جو اثر ناظرين تي از حد ٿيو.
الهندي، ڏکڻ ۽ وچ يورپ جي گهڻو ڪري سيني
ناميارن ناٽڪ شالائن ۾، مشهور مشهور ويس ڌارين
کي معروف معروف ناٽڪن ۾ پارٽ ڪندو ڏسي، اهو
مون پهرين استنبول ۾ ڏٺو ته قابل، ذهين ۽ خانداني
ناظرين کيسي مان رومال ڪڍي اکين مان لڙڪن اُگهڻ
کي گهٽتائي نه ٿا سمجهن. ساري ماندوي جي حاضرينن
کي ائين ڪندو ڏسڻ به هڪ عجيب تجربو آهي!

ڪراچي: ١ اڪتوبر ١٩٣١ ا - غ - ڇ

# باب.پهرين جو نقشو




١. ٻاهريون دروازو
٢. ميز
٣. وڏي ڪرسي
٤. ڪرسيون
٥. جيلخاني جو دروازو
٦. جيلخاني جي ديوار
٧. اندريون دروازو

## باب ٻئي ۾ ٺٽين جو نقشو




١. رستو
٢. ٻاهرين پونگن جو ڏيکاءُ
٣. دڪي
٤. سوڀا لمليت
٥. وڪري جو سامان
٦. ننڍي ميز
٧. اندريون دروازو
٨. وڏي ميز ۽ بينچ
٩. ڏاڪڻ ڏانهن رستو
١٠. ڇت ۾ ڏاڪڻ جو ڏيکاءُ
١١. ڇت ۾ ٽنگيل فانوس

نوٽ: فرنيچر جي ترتيب ۾ ڦير گهير ڪرڻ ڊائريڪٽر جي اختيار آهي.

# ويس ڌاري

---

رفيق
ڀاڳچند
لطيف
احسان — بتول
رمزو — شمسي
ڀارو
ماجسٽريٽ
سرشتيدار
جيلر

تنهن کان سواءِ حولدار، ٻه سپاهي، صوبيدار ۽ نرس.

---

مڪان: ڪو ٻه وڏو شهر (ڪراچي سهين!)
زمانو: حال.

---

مهاڳ ۾ ويس ڌاري

---

فقير ۽ سندس ٻالڪو

خوني

# مهاڳ ۽ باب پهريون

# اِنساني انصاف!

---

## ويس ڌاري

(نمبروار)

---

[مهاڳ]

فقير

بالڪو

---

[باب پهريون]

جيلر

حولدار

سپاهي

ماجسٽريٽ

سرشتيدار

رفيق

صوبيدار

ياڳچند

نرس

اڄ پڻ دانهو دانهن، واڍوڙڪي منهي، ويهه ورائي بانهن، چوري چاڪ نهارئا. شاهه.

# مهاڳ

[تهڙ اونده . پردي جي سامهون فقير ۽ سندس ٻالڪو ڏسڻ ۾ اچن ٿا. فقير جي هٿ ۾ ڊگهي لٺ ۽ فانوس، ۽ ٻالڪي جي هٿ ۾ ڪشڪول.]

فقير: [اندرانئي ڳائي ٿو]

جانڪي ڪري طبيب، دارون هن درد جا،
هٿئو ســــي حبيب، اُڪوڙئو اڌ ڪري.

[ٻاهر اچي، ٻالڪي کي] ٻچا، اِهو اٿيئي زندگيءَ جو عجب اسرار! — [وري ڳائي ٿو]

جانڪي ڪري طبيب، دارون هن درد جا،
هٿئو ســــي حبيب، اُڪوڙئو اڌ ڪري.

ٻالڪو: [خيال ۾] مرشد سڳورا، اِها ته نسوري بي انصافي چئبي. بندو سمجهي ٿو ته دنيا جو سمورو ڪارو بار ائين پيو هلي، جنهن ۾ رکيل آهي نڪو عدل، نڪا مراد، نڪو مطلب.

فقير: بيشڪ، عقل وارو انسان ائين پيو سمجهي ته دنيا جي سموري ڪاروبار ۾ رکيل آهي نڪو عدل، نڪا مراد، نڪو مطلب. ڇو جو جنهن نظاري کي

پاڻ حقيقت سمجهيو وينو آهي، سو رڳو خوشنما طلسم آهي، رڳو آهي. پوءِ انهيءَ طلسمي نظاري بابت، انهيءَ رڳو بابت، سندس جيڪا ڳٽڪوت ۽ آڳو پيڇو، اُنهيءَ کي انهيءَ پاڇي جو به پاڇو ڪوٺڻ بيجا نه آهي.

بالڪو: [ترسي، خيال سان] تڏهن ساڃهه دراصل حقيقت ڇا؟

فقير: ٻچا، اِهو ته اسرار آهي جو دنيا جي هيترن فلسفن هوندي به انسان اڄ سوڌو سلي نه سگهيو آهي ته در اصل حقيقت ڇا! [ترسي] هائو، پر دنيا ۾ جيڪا بي انصافي ٿئي ٿي، انهيءَ کي هڪڙي نموني، ڪي قدر، سمجهي سگهجي ٿو.

بالڪو: سو ڪيئن؟

فقير: ڏک سک کي جيڪڏهن انسان نه رڳو پنهنجي، پر ساري انسان ذات جي ڪرتوتن جو قل ڪري ليکي، ته پوءِ انهيءَ ظاهري بي انصافيءَ کي جيڪر ٻين اکين سان ڏسي؛ ۽ پوءِ انهيءَ کي عقل ۽ فهم جي ساهميءَ ۾ ٻيءَ طرح توري.

بالڪو: تڏهن ساڃهه تقدير جو مطلب ڇا؟

فقير: تقدير جو مطلب ڦل ٿيڻ. انسان جي تقدير تڏهن شروع ٿي، جڏهن انسان ذات پيدا ٿي. حضرت آدم ۽ ڏاڏي حوا جي اوائلي ڪرتوت جو ڦل، جو انسان اڄ ڏينهن تائين ڀوڳي پيو، انهيءَ جوئي نالو آهي تقدير. بيشڪ، بزرگن جا گناهه، اولاد جيڪا جزا لوڙي ٿو، انهيءَ ۾ ٿا ظاهر ٿين. گنهگارن کي پنهنجن ڪرتوتن جو ڦل ائين ئي ملي.

بالڪو: [ٽرسي] ته پوءِ ساڱي، تقدير وهيٺي لاچار انسان جو فرض ڇا؟

فقير: ته تقدير جي ٻاران آيل ڏکـ، سک منو ڪري ڀوڳي. سندس بهتري ۽ انسان ذات جو ڀلو انهيءَ ۾ ئي آهي. تقدير جي ٻاران آيل ڏکـ، انهيءَ کان پڇي ڇٽڻ جي ڪوشش ڪرڻ، اهڙو عبث آهي، جهڙو مڇيءَ جو سڪيءَ تي جيئرو رهڻ. ٻچا، ڏکـ سک ته حياتيءَ جو قوت آهن!

سُوري سـڏ ڪري، اُيـي عاشقن کي،
جي اٿئي سَڌ سِڪڻ ۾، ته ڪومَ پير پري،
سِسي ڌار ڌري، پڇج پوءِ پريتطون.

بالڪو: ساڱي، نيٺ انهيءَ جو نتيجو؟ زندگيءَ

جو مقصد؟

فقير: ٻچا، مقصد هڪ پرولي؛ جا انسان تڏهن سلي، جڏهن ڏکـــ، ڏاجهرا ڏسي، پاڻ انهيءَ لائقيءَ رسي. فقط ايترو نه ڀُلجي ته،

پريان سندي پار جي، مڙئي مِنائي،
ڪانهه ڪڙائي، چکين جي چيٽ ڪري!
[ٻئي نڪري تا وچن، پردو ڪجي تو.]

# باب پهريون

---

## جيلر جي آفيس

[پردي کلڻ سان جيلر جي آفيس نظر تي اچي. ساڄي پاسي کان ٻاهر وڃڻ جو دروازو، پٺئين ديوار ۾ قيدخاني ڏانهن ويندڙ دروازو، کاٻي پاسي اندر بيءَ کوٺيءَ ڏانهن ويندڙ دروازو. ساڄي پاسي اڳيرو ميز جنهن تي ڪتاب ۽ ڪاغذ رکيل آهن. ميز وٽ ٻه ٽي ڪرسيون پيل آهن.

[ وقت صبوح جو. جيلر، عمر جو جيڪيسو وڏڙو، ميز تي ڪاغذ پٽ وينو ڏسي ۽ ٽپال پڙهي. ذري بعد ميز تي رکيل گهنٽي ٻه ڀيرا وڄائي ٿو. پاسي وارو ٻاهريون ٻر کلي ٿو ۽ سپاهي سلام ڪري اچي بيهي ٿو.]

جيلر: حولدار کي سڏي وٺ.

[سپاهي سلام ڪري اندرئين در مان وڃي حولــدار کي وٺي ٿو اچي. سپاهي پوءِ

باهرئين در مان نڪري تو وڃي ۽ حولدار سلام
ڪري بيهي تو رهي. جيلر پهرين ڪيس نٿو
ڏسي. توري دير ڪانپوء ڪاغذن تان اکــ،
کڻي ٿو تہ سندس نظر وڃي اُتس تي پوي.]

جيلر: [ڪاغذن تان رکي اکــ، کڻي] حولدار،
مون تي پڇيو، ـــ هائو ـــ [ڪنڌ مٿيرو جهلي] قيدي
نمبر ٥٠٧ اُڄ ڪئن آهي؟

حولدار: حضور ضعف وڌندو وڃيس. رات تہ
گهڻو بي آرام هو. شڪ نہ آهي تہ سلهہ تي ٿئيس.

جيلر: ويچارو غريب! [ٿـــورو رکي] مون
سندس نسبت پڇيو ـــ ماجسٽريٽ الاڇي ڪيس ڇو تو
ڏسڻ گهري؟ اڄهو سندس خط. هنئر ٽپاليءَ آندو.
پاڻ بہ آيو گهرجي. پر قيدي هيستاءِ اچي سگهندو؟
سگهہ اٿس؟

حولدار: جي حضور; پر اجازت هجي تہ بيڙيون
اڄ کڻي نہ وجهجنس. هٿ ڪڙيونئي بس ٿينديون.
بدن ۾ گهڻو ناچاڪ آهي.

جيلر: چڱو; ماجسٽريٽ اچي تہ پوءِ ائين ئي
وٺي اچجئينس.

حولدار: جو حڪم. [سلام ڪري جيلخاني جي در ڏانهن وڃي ٿو ته جيلر وري ٿو سڏيس.]

جيلر: حولدار، [حولدار موٽي وري سلام ڪري اچي ٿو بيهي.] قيديءَ کي ٻڌائجانئين نه ته ڪير ٿو ڪيس ڏسڻ گهري. تون ماٺ ميٺ ۾ ئي وٺي اچجانئس. اڄ ڏري گهٽ ڇهه سال ٿيا. انهيءَ وچ ۾ ويچاري جي سار ڪنهن به ڪانه لڌي آهي. سو جي اوچتو ملاقات جو ٻڌندو ته اُلٽو دل کي ڌڪو نه اچي وڃيس.

حولدار: حاضر سائين. [سلام ڪري نڪري ٿو وڃي.]

[جيلر ميز تي ڪاغذ ڏاهي ٿو رکي ته ٻاهران پري کان موٽر جو آواز ٻڌڻ ۾ ٿو اچي. جيلر کن ڏيئي اِهو ٻڌي ٿو، وري به ڪاغذ ڏاهڻ ۾ رڌل ٿو رهي ته ٻاهران سپاهي ٿو اچي.]

سپاهي: [سلام ڪري] حضور، ماجسٽريٽ صاحب جي موٽر در تي اچي بيٺي آهي. اجازت هجي ته اندر ڇڏجيس.

جيلر: ڀلي.

[سپاهي سلام ڪري نڪري ٿو وڃي. جيلر

۽ ڪاغذ ميز ٻِتي ٿاهي سنڌ؞س پنيان ٻاهر وڃي ٿو. سنت ٿي ٻاهران ٻري ڪان، ”اچو سائين، ڪئن آهيو؟ خوش چڱا ڀلا“ وغيره جو آواز اچي ٿو. اِهو آواز هوريان هوريان اوريرو ٿيندو وڃي، تانجو جيلر ٻاهريون دروازو کولي بيهي ٿو ته ماجسٽريٽ اندر لنگهي ٿو اچي. ماجسٽريٽ جهان ديده شخص پيو لڳي. ننڍي سفيد ٻڇي ڏاڙهي اٿس، ۽ لباس عمدي ۾ آهي.]

جيلر: [در وٽ ٿي] ڀائو سائين، خط مليو. قيديءَ کي تيار رکيو اٿئون. [اندر اچي پاڻ واري ڪرسي ڏيکاري] اچو سائين، هيڏانهن سولا ٿي ويهو.

ماجسٽريٽ: [ڪرسيءَ تي ٺهر سان ويهي] مهرباني. [ٽوپي لاهي ميز تي تــو رکي] اسانجو سرشتدار بـــ ڪاغذ کڻي جاڻ آيو. [ذرو ماٺ] اوهانکي هتي آئي عرصو ڪيترو ٿيو؟

جيلر: [سامهون ڪرسيءَ تي ويهي] ويهون سال پيو ٿلي.

ماجسٽريٽ: ويهون سال! تڏهن ته اوهان قانوني

انصاف جا رنگ گهٽائي ڏنا هوندا.

جيلر: قانوني انصاف! هائو. هن ڪرسيءَ تي ويٺي ويٺي قسمت هنن اکين کي اهڙا اهڙا اثر ناڪ حادثا ڏيکاريا آهن، جو — جو — [هٻڪي] پاڻياڻ پيو ته منهنجو اعتقاد ۽ ايمان به مونکان ڪسبو پيو وڃي.

ماجسٽريٽ: سو ڪئن؟

جيلر: گستاخي معاف. [ڏک پريل ۽ گهٽيل ڪاوڙ ۾] منهنجي دل ۾ ڪڏهن ڪڏهن سوال اُٿي تو ته آيا هن جڳ جو ڪاروبار رحم ۽ انصاف تي ٻڌل آهي يا نه؟ آيا قدرت ٻاجهاري ۽ انصاف پسند آهي يا نه؟

ماجسٽريٽ: [خيال سان] سچ دنيا جا درد ناڪ حادثا ڏسي خود منهنجي دل ۾ به اهڙو جذبو اُٿي تو. [ذرو ترسي] اوهانکي ياد هوندو ته هي قيدي هتي ڪڏهن آيو؟

جيلر: هائو. هتي آئي کيس پندرهن ورهيه بيشڪ ٿيا. آيو تڏهن مظبوط قداور جوان هو. مونکي اُنهيءَ وقت جي سندس سموري حقيقت ياد آهي. مونکي اُنهيءَ مهل ئي هنجي بد قسمت تي سخت

افسوس تي ٿيو. منهنجو تجربو آهي تہ ساري عمر حيوانن جيان قيد ۾ رهڻ کان هي خوني موت کي وڌيڪ پسند ٿا ڪن.

ماجسٽريٽ: [خيال جي ٽبيءَ مان نڪري] خوني! — هائو، برابر — [وري ٽبيءَ ۾ پئجي تو وڃي.]

[ماجسٽريٽ جو سرشتدار، عمر اٽڪل ٽيهہ ورهين، ڪاغذ هٿ ۾ کڻي ٻاهران اچي ٿو.]

سرشتدار: [جيلر کي سلام ڪري، ميز ڏانهن وڌي، ماجسٽريٽ ڏانهن مهڙ ڪري] سائين دير ٿي جو ڪيس جا ڪاغذ ويٺي ڳوليم. [ڪاغذ ميز تي رکي ٿو.] هيءَ تار بہ اوهانجي ميز تي رکي هئي. [تار ماجسٽريٽ کي ڏئي ٿو.]

ماجسٽريٽ: [تار کولي پڙهي] چڱو، بلڪل چڱو. — جيلر صاحب، ٿوريءَ ويرم ۾ ڪي ماڻهو شايد اسانکي ملڻ اچن. مهرباني ڪري سپاهين کي چئي ڇڏيو تہ اُنهنکي ٻاهرئين در وٽ ترسائين نہ.

جيلر: حاضر [ٻاهر نڪري ٿو وڃي.]

ماجسٽريٽ: [سرشتدار کي] ڪيس جا ڪاغذ سڀ مونکي ڏي. [سرشتدار ڪاغذ ڪيس ڏئي

تو تہ ٻاهران جيلر بہ اچي تو. ] قيديءَ جو رڪارڊ تہ سڀ تيار هوندو؟

جيلر: هائو. [ماجسٽريٽ جي هٿن هينان ڪاغذ ڪڍي] اِجهو.

ماجسٽريٽ: [رڪارڊ اُٿلائي] برابر. [هڪ ڪاغذ وچان پڙهي] شام لعل جوهريءَ جي خون ۾ ڄمر ٽيپ! [ميز تان ٻيو ڪاغذ بہ ڪڍي، جيلر کي ڏيئي.] اوهين هيءَ تہ پڙهي ڏسو. بمبئيءَ جي پوليس وٽان بہ ڏينهن ٿيا تہ ٽپال رستي اسانوٽ آيو.

جيلر: [ڪاغذ پڙهي سخت عجب ۾ ] چيا!

ماجسٽريٽ: [ڪنڌ ڌوڻي] هائو، اِهيئي تہ ڳالهيون آهن جي ساڃهہ واري انسان کي بي اعتقاديءَ ۽ لاايمانيءَ ڏانهن مائل ٿيون ڪن. خير. هاڻي مهرباني ڪري قيديءَ کي سڏايو.

جيلر: چڱو. [جيلخاني جي در وٽ وڃي، در کولي، ڪنهن کي پري کان سڏي ٿو. حولدار اچي دروٽ تو بيهي. جيلر کيس ڪجهہ چئي ٿو ۽ حولدار سلام ڪري موٽي ٿو وڃي.]

ماجسٽريٽ: [سرشتدار کي] ڪاغذ قلم تيار

هجي. اسانکي قيديءَ جي زباني ونئي آهي.

جيلر: [ڀوڻي] پر قانون کان ايڏي وڏي ڀل ڪئن ٿي؟

مئجسٽريٽ: ڇو جو قانون نيٺ به سنيني پر ابوجهه انسان جي همٿ وسيڪو آهي. [ڪيس جا ڪاغذ کولي ٿو.] هاڻ جيڪي به اسانجي ۽ قيديءَ جي وچ ۾ وهي واپري، اُهو سڀ ڏيان ڏيڻي ٻُڌجو؛ ڇو جو قيديءَ جي زبانيءَ تي اوهانکي شاهد جي صحيح وجهڻي پوندي. پر ـــ [بمبئيءَ جي پوليس جو ڪاغذ ڏيکاري] هن ڪاغذ بابت ڪجهه به نه چئجو.

جيلر: [مونجهاري ۾] ڇگو سائين.

سرشتدار: [ميز تي ڪاغذ قلم ناهي، پنهنجي مهڙ] قانون! ـ انصاف!

[پنيون در کلي ٿو. حولدار ۽ ٻــ سپاهي قيديءَ کي وٺي اندر اچن ٿا. قيديءَ جا وار اڌوڳابرا سفيد، گردن جهڪيل، همٿ پير پيرل، تار تراسائيءَ ۾، نهايت هيڻائيءَ سان پير پير ۾ گهليندو اچي، جڙ تـــ سُڌ ڪنهنجي ڪانه تي پويس. سندس جيل

وارن ڪپڙن تي، ڇاتيءَ ۽ پٺن مٿان، وڏن ڪارن اکرن ۾ ٥٠٧ جو انگ لکيل آهي.
سپاهي ڪيس ڪلهن کان جهلي، ميز جي پريان ماجسٽريٽ جي سامهون اچي ٿا بيهارين.
حولدار سلام ڪري، قيديءَ جي پرئين پاسي کان تي ٿـو بيهي. قيديءَ جا هٿ هٿ ڪڙين ۾ آهن.]

ماجسٽريٽ: [قيديءَ کي ايندو ڏسي، پنهنجي ڏکـــ لڪائڻ لاءِ نظر ڪٽي ڪاغذن ۾ تو ڪري ۽ چوي ٿو] قيدي هيءُ آهي؟

حولداو: جي حضور، نمبر ٥٠٧.

ماجسٽريٽ: [پهرين وانگر] تنهنجو نالو؟

حولدار: حضور؟

ماجسٽريٽ: [ڪنڌ مٿي ڪٽي] قيدي پاڻهي جواب ڏئي؛ ــ ۽ ٻڌ حولدار، [حولدار سلام تو ڪري] قيديءَ جي هٿن مان هٿ ڪڙيون لاهي ڇڏ.
[حولدار هٿ ڪڙيون لاهي ٿو.]

جيلر: سپاهي ٻه پل هليا وڃن. [حولدار جي اشاري تي سپاهي سلام ڪري وڃن ٿا. قيدي ائين

ئي موڳو تيو، ڪنڌ هيٺ ڪيو بيٺو آهي.]

ماجسٽريٽ: تنهنجو نالو؟ — [ترسي] تنهنجو نالو؟ [ماٺ.]

جيلر: ٻڌينئو؟ ماجسٽريٽ صاحب پڇي ٿو: تنهنجو نالو؟

قيدي: [ٻنهي ڏانهن وائڙن جيان نهاري] سائين؟ — هائو، [ماجسٽريٽ کي] پنج سو ست.

ماجسٽريٽ: مون تو کان نالو پڇيو، نه نمبر.

قيدي: [مونجهاري ۾] نالو؟ — ڪهڙو نالو؟ مونکي ته سڀ 'پنج سو ستون' ٿا سڏين.

[سرشتيدار ڏکڻ ۽ جوش ۾ قلم ميز تي اُڇلي قيديءَ ڏانهن نهاري ٿو.]

ماجسٽريٽ: [پاڻ سنڀالي] پر تنهنجو اصل نالو ته رفيق آهي؟

قيدي: [اچا" به مونجهاري ۾ ۽ نراڙ تي هٿ گهمائي] رفيق — رفيق — هائو، اهو نالو هُرير ته ٿو.

ماجسٽريٽ: رفيق، هتي آئي توکي ورهيه ڪيترا ٿيا؟ ڪا سڌ اٿيئي؟

رفيق: [جيلر ڏانهن موڙي جيان نهاري] ڇا سائين؟

جيلر: [ڏاڍيان] توکي ياد آهي ته تون هتي ڪڏهين آئين؟

رفيق: ڇو سائين؟ — حولدار مونکي ته هنئر وٺي آيو.

ماجسٽريٽ: ويچارو آزاريل انسان! — ٻڌ، رفيق، توکي هتي جيل ۾ آئي پندرهن ورهيه ٿيا. ٻڌاءِ ته ڪا سڌ اٿيئي ته هتي توکي ڇو آندائون؟

رفيق: [سخت ڏک ۾ گذريل وقت کي سر نئي ياد ڪري] پندرهن ورهيه — پندرهن ورهيه — [پنهنجا هٿ ۽ ڪپڙا ڏسي] هائو سائين، پندرهن ورهيه. انهيءَ کان ته موت بهتر هو. [اڙوائتي آواز ۾] منهنجا لِتا ڦٽ ڇو پيا کوليو؟ هيءَ جا سزا ڀوڳيان پيو، سا ڪافي ناهي؟

ماجسٽريٽ: [پاڻ جهلي] ويجهڙائيءَ ۾ سرڪار کي ڪا خبر ملي آهي. انهي لاءِ اسين آيا آهيون ته جنهن ڏوهه ۾ تون سزا ياب ٿئين، انهيءَ جي سر نئي تحقيقات ڪريون. هاڻي ٻڌ. هر هڪ سوال جي

وراڻي سوچي ويچاري پوءِ ڏي. انهيءَ ۾ شايد توکي فائدو ٿئي.

رفيق : [پاڻمهاڙو] اسين بيڪس، جهڙيءَ قبر داخل؛ اسانکي فائدي جي ڪهڙي اُميد، ڪهڙي حاجت؟ اسانجي آس نه انسان ۾ نه الله ۾، موت لاءِ منتظر، دم پيا ڪاٽيون.

[جيلر دروازي وٽ وڃي، پنهنجي ڏيئي تي ويهي.]

ماجسٽريٽ : [تکڙو] رفيق، تو تي خون جي تهمت هئي. چيائون تي سيٺ شام لعل جوهريءَ جي آفيس جو نون مکيه ڪارو باري هئين؛ هڪڙيءَ رات، سيٺ کي آفيس ۾ اڪيلو ڏسي، تو هٺي ڪيس ماري وڌو. برابر؟

رفيق : [سوز ڀريءَ آواز ۾] آزاريل کي ڇو ٿا وڌيڪ آزاريو؟ خدا جي خاطر نه، ته خود پنهنجن پيارن جي خاطر، ڇو ٿا اهو گذريل قصو هن بدنصيب کي ياد ڏياريو؟

ماجسٽريٽ : [ڪيس ياد ڏياري] ڪورٽ ۾ اِهو خون توتي ثابت ٿيو، ڇو جو لاش جي اڳيان توکي پوليس گرفتار ڪيو، ته تنهنجن هٿن ۾ خون

سان پريل ڇري هئي ۽ تنهنجن ڪپڙن تي خون جا داغ هوا. خزانچيءَ جي زبانيءَ مان ٻه ثابت ٿيو ته ٻه ڏينهن اڳي تنهنجو سيٺ سان تڪرار ٿيو هو، ۽ تو نوڪري ڇڏي ٻاهر وڃڻ جو ارادو ڪيو هو. برابر؟

رفيق : [موڳانيءَ سان] هائو سائين.

ماجسٽريٽ : هاڻي ٻڌاءِ ته اِهو سڀ سچ آهي؟

رفيق ! سچ هوندو. [ترسي] هونءَ نه ته هتي اچ ڇو هجان؟

ماجسٽريٽ : ڏس رفيق، سوچي ويچاري وراڻي ڏي. بنا ڪنهن دٻ جي، بنا ڪنهن خطري جي، جيڪي به توکي چوڻو هجي، سو تون مونکي چئُه. شاباس.

رفيق : ڇا چوان؟

ماجسٽريٽ: مون انهيءَ رات واري ساري واردات توکي بيان ڪري ٻڌائي. ٻڌاءِ ته اِهو سچ آهي؟ آءٌ وري تو چوانءِ ته اِنهيءَ مان توکي شايد فائدو رسي — وڏو فائدو رسي.

رفيق : [خيال ڪري قدم ٻه وڌي] سچ چوان؟ ڪير ويسهه آڻيندو؟

ماجستريٽ : سچ تي هر ڪو ويسهه آڻيندو.

رفيق : [ڪنڌ ڌوڻي، جهيڻي آواز] نه، نه. سچ اهڙو ٿورٽي جو سچ تي دنيا ويسهه آڻيندي ڪانه.

ماجستريٽ : نه هر وقت. انسان خطا جو گهر آهي. غلط فهمي انسان کان ٿئي پيئي. پر رحماني قُوَت سان، ڪوشش ڪري، انهيءَ کي دور ڪري سگهجي ٿو.

رفيق: نه، سائين، قُوَت، طاقت، ڇا رحماني، ڇا شيطاني، هڪڙيائي آهي. هنيلي انسان جي هٿ ۾ اها قُوَت، اها طاقت، اڪثر ڪم فهميءَ ۽ ظلم جو هٿيار ٿي رهي ٿي.

ماجستريٽ: بيشڪ، اڪثر، پر نه هميشه. رفيق منهنجو وعده اٿيئي ته جيڪڏهن تون بيگناهه ــ

رفيق: [سخت بيتابيءَ سان] بيگناهه، بيگناهه ــ يا خدا ــ بيگناهه، هائو، مان ضرور بيگناهه آهيان؛ ابو جهه انسان جي شڪ جو شڪار آهيان؛ ظالمن جي ظلم ۾ قاتل مظلوم لاچار آهيان. [ماجستريٽ ڏانهن وڌي، مبز مٿان جهڪي] منهنجا مهربان، منهنجا سائين، مونتي ويسهه ڪجو، آءٌ سچ ٿو چوان. حق ناحق

منهنجي انسانيت کسي مونکي حيوانن جي دفعي ۾ داخل ڪيو ويو. آءٌ سچ ٿو چوان آءٌ ايمان فروش نه آهيان، مظلوم آهيان، بيگناهه آهيان. [حولدار ڪيس هٿائي پڙهي ٿو ٻيهاري.

ماجسٽريٽ: تڏهن ٻڌاءِ ته اهو خون ڪنهن ڪيو؟

رفيق: [وري به نراسائيءَ ۽ هيٺائيءَ وچون ڪنڌ جهڪائي] مونکي ڪا به سڌ ڪانهي.

ماجسٽريٽ: ڪنهن ۾ ڪو توکي شڪ آهي؟

[رفيق ناڪار جو ڪنڌ ٿو ڌوڻي. ماجسٽريٽ ذرا ترسي] ڀلا ڇُري تنهنجيءَ هٿ ۾ ڪٿان آئي؟ ساري ڳالهه مونکي وري ٻڌاءِ. [سرشتيدار کي اشارو ٿو ڪري جو زباني لکڻ لاءِ تيار ٿو ٿئي.]

رفيق: [ڳالهه هوريان هوريان ٿو شروع ڪري پر جڏهن وچور پيرائتي اکين اڳيان ترندي اچيس، تڏهن زباني سندس جوش واري ٿيندي وڃي.] سائين جن کي سڌ هوندي ته سيٺ شام لعل کي نه فقط پٽرس ۾ ڪوٺي هئي، پر سندس واپار بين ڏيساورن سان به هلندڙ هو. آءٌ سيٺ جو مکيه ڪاروباري هوس. پهرين مونکي بمبئيءَ موڪليائون. ڪجهه مدت مون ڪلڪتي

۾ گذاري. آخر هتي گھرائي ورتائونم. هتي لڪ پڙهه سپ آءُ نيڪال ڪندو هوس. انهيءَ نياڳيءَ رات، پيا منشي دفتر مان اُٿيا، ته آءُ اُنهي ڪانپوءِ ته ترسي پيس. چيم اڳوپوءِ ولايت واري ٽپال پوري ڪري، آءُ پوءِ اُٿان. سيارو هو. ميٺهن جي اوڙڪ پئي وسي. واءُ جو سنڪو پئي پيو. مون پاڻ ساڻ خزانچيءَ، مراديءَ واري کي به ڪٽي ترسايو. ٻئي پاڙيسري به هئاسين، دوست به هئاسين. پنڌ جان تان پري ڪو. چيو مانس گهر گڏيا هلنداسين. هن به ڳالهه ڪٽي مڃي.

ماجستريٽ: ترس. اهو خزانچي ڪير هو؟ سندس نالو سڃهيٽي تو؟

رفيق: [پيشانيءَ تي هٿ گهمائي، مونجهاري ۾]. نالو- نالو- هائو سائين، پاڳچند.

ماجستريٽ: پاڳچند — هون — چڱو، پوءِ؟

رفيق: اوندهڙو ٿيو، ڏيا ٻريا، ميٺهن ڪي به ناپر آئي؛ پر مونکي ڪلاڪ مُني جو ڪم اڃا رهيل هو. مون پاڳچند کي چيو تون مون ڪاتر ترس نه، پاڻ گهر وڃي خبر ڏي، متان منهنجو انتظار ڪيندا هجن. پاڳچند، پانيانٿو ته آفيس مان پير مس ٻاهر ڪيو هو، ته

دروازي تي مون موٽر جي ٻيهڻ جو آواز ٻڌو. اتيئي ٻاهريون در کليو ۽ سيٺ پاڻ لنگهي اندر آيو. سڌو پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. مون پاڻيو ڪا شيءِ ڀلجي ويو آهي، اها کڻڻ آيو آهي. آءٌ پنهنجي ئي ڪم ۾ رُڌل رهيس. آخر منهنجو ڪم لٿو ۽ آءٌ به اُٿيس. پر سيٺ واري ڪمري وٽان لنگهيس ته ڇا ڏسان ته ٻئي پٽي ٻري ۽ در کليو پيو هو. مون ڄاتو سيٺ تڪڙ ۾ ئي هليو ويو آهي. آءٌ ٻئي وسائڻ سانگي لنگهي اندر— [هٻڪي، گهگهي آواز ۾] يا خدا —

ماجسٽريٽ: هائو، اُتي تو ڇا ڏٺو؟

رفيق: [جوش ۾] آءٌ اندر ٿيس ته منهنجي نظر وڃي تجوريءَ تي پيئي. مون ڏٺو تجوريءَ جو در کليو پيو هو ۽ جواهرات هئي ڪاڏي. آءٌ تپرس جو ماريو، سامهون نهاريندو، اڳيان وڌيس ته ميز جي پير ۾، منهنجو پير وڃي ڪنهن شيءِ کي لڳو. جان ڪڍي هيٺ نهاريان — توبه — [منهن ڪڍي هٿن ۾ ٿو لڪائي.]

ماجسٽريٽ: هائو؟

رفيق: سيٺ خون ۾ پٽي ترڳيو. جسم ۾ اڃا سندس جان هئي. مون سيٺ کي اُٿارڻ جي ڪوشش

ڪٿي. منهنجا ڪپڙا ۽ هٿ رت ۾ ٻڏجي پيا. اوچتو منهنجي نظر سندس پيٽ تي پيئي. پيٽ ۾ ڇُريءَ جو ڦر ڪتل هو. ڇُري مون ڪڍي ٻاهر ڪئي.

ماجسٽريٽ: [ ٽڪڙو] ڪهڙي ڇُري هئي؟ تو سڃاتي؟

رفيق: سائين ڇري ٻنهي دفتر جي هئي. ڏاڍيءَ جون رسيون انهيءَ سان ڪپيون هيون.

ماجسٽريٽ: پوءِ؟

رفيق: آءٌ وائڙو ٿيو نهاريان پيو، ته اوچتو ٻاهرين در تي گوڙ ٿيو، ۽ پوليس وارا اندر لنگهي آيا. پاڳچند ساڻن هو. مونکي اچي پڪڙيائون. ڇي خون تو ڪيو! پر خدا شاهد آهي، سيٺ جو خوني آءٌ نه آهيان. آءٌ خون ڇو ڪريان؟ خون مان مونکي ملڻو ڇا ٿي؟ آءٌ ڏينهن ٻن ۾ سيٺ جي نوڪري ڇڏڻ وارو، آءٌ وينو انسنا ڪريان ته نوڪري هندستان کان ٻاهر ڇتايان. ذري گهٽ منهنجو بلو به ٿيو هو. آءٌ پيو ويچار ڳنڍيان ته بااقبال، ٻارن ٻچن سودو، سفر تي تو چڙهان. آءٌ سائين خون ڪريان، سو ڇو؟

ماجسٽريٽ: اُنهي رات ڪوٺيءَ مان ڇهين لڪين

جا جواهر چورائجي ويا.

رفيق: هائو.

ماجسٽريٽ: هيلنائين ته اُنهنجو پتو به ڪونه هو.

رفيق: جي.

ماجسٽريٽ: هائو. ياڳچند جو پنهنجي زبانيءَ ۾ چيو هو، ته سيٺ جي اوطاقجي گهر ڏانهن نيت صاف نه هئي، ۽ تو سيٺ جي نوڪري به انهيءَ ڪارڻ ڇڏڻ تي گهري، اها ڳالهه سچي هئي؟

رفيق: هائو، پر انهيءَ جوڙن ڳالهه سان ڪهڙو لاڳاپو؟ برابر هي شاهوڪار سيٺيون، ناڻي جي نشي ۾ مخمور، حلال حرام جو ويچاندر ڇاڻنئي ڪونه؛ ويچارا غريب، پاڻ سندن حرص ۽ هوَس جو شڪار، انهيءَ ۾ غريبن جو ڪهڙو گناهه؟ اسين سائين ڏن مال وارا ڪري نه هئاسين، پر انهيءَ هوندي به هڏ اسانجو پورو نه هو. مهجي ماني ڏٺيءَ جي جهجهي ڏنل هئي. ننگ ناموس وارا هئاسين؛ بلڪ سکيا آسودا هئاسين. منهنجي ويچاري گهرواري، اڪابر پڙهيل ۽ آزاد خيال هئي. ننڊي هوندي نيپاج سندس ڪلڪتي جي هڪ ناميارِي تعليم گاه ۾ ٿيو. پردو ڪانه واريندي هئي؛ ٻاهر اندر

ايندي ويندي هئي ۽ ٻين مردن سان ڪلٺي منهن ڳالهائيندي ڪندي هئي. انهيءَ ڪان ڪيس عار ڪو نه هو. پر انهيءَ هلت جو وجهه وٺي، سيٺ شام لعل هڪ ڏهاڙي وٽس لنگهي آيو ۽ ڪيس اچي ڪا نرجائيءَ جي آڇ ڪيائين. تو ٻہ— آءٌ رات جو گهر موٽيس ته سيٺ جي ڪُڏائيءَ جو پرو پئجي ويو. انهيءَ ڪارڻ اسان ستت ستي ته نه رڳو سيٺ شام لعل جي آءٌ نوڪري ڇڏيان، پر پنهنجي عزت آبرو ۽ ننگ ۽ شرم جي خاطر هن شهر جا وٽئي ڇڏي هليا وڃون.

[سپاهي ٻاهران اچي جيلر کي ڪاغذ ٽڪر تو ڏئي. جيلر ڪاغذ ماجسٽريٽ کي ڏيکاري تو ۽ ٻنهي جي وچ ۾ سس پس هلي ٿي. جيلر ٻاهر نڪري تو وڃي.]

ماجسٽريٽ: رفيق، ٻيو ٻہ ڪي چوڻو اٿيئي؟

رفيق: سائين، هڪ سوال —

جامسٽريٽ: هائو.

رفيق: [دلسوزيءَ سان] سائين، دنيا ۾ عدل آهي؟ بلڪ الله وٽ انصاف آهي؟ موٽني جيڪا ٻري آئي، مونسان جيڪو انڌير ٿيو، آءٌ ڏسو ٿا، منو ڪوڙو سهان.

وينو. بر جڏهن خيال ٿو ڪريان ته ويچارن ٻارڙن ۽ سندن ماءُ جو مونکانپوءِ ڪهڙو حال ٿيو هوندو، تڏهن دل چاڪ چاڪ ٿيو پوي. اِهو درد آءٌ سهي نٿو سگهان. چوان ويچارا ناز جا نپايل ڪهڙن واڳن جي وچي وات پيا هوندا! سائين، هي به ڪو انصاف ٿيو جو هڪڙن جي گناهن جون سزائون ٻيا پيا ڀوڳين؟ هي به ڪو عدل ٿيو جو گنهگار وٽن ڇڙواڳ ڦرندا ۽ بيگناهه وٽن عذاب سهندا؟ تانجو نوبت اتي وڃي رسي جو اهي نياڻا انسان، پنهنجي نالي، پنهنجي اسم کان به برطرف ڪيا وڃن، ۽ بيجان شين کان به بدتر، رڳي هڪڙي انگ، هڪڙي، نمبر سان پيا پڪارجن! ”پنج سـو ست، پنج سـو ست،“ اِنهيءَ هڪڙي انگ ۾ ڪيڏو نه دل ڏاريندڙ پيڙ رکيل آهي! اِنهيءَ هڪڙي انگ ۾ ڪهڙا نه دل شڪن خيال سمايل آهن! اِنهيءَ کان بهتر ڪين هو جو آءٌ ڪو جهنگ جو جناور هجان ها؟ انهيءَ حالت ۾ ڪم از ڪم آزاد رهي، پنهنجي حق پيدائش کان محروم ته ڪين ڪيو وڃان ها؟ پنج سو ست، پنج سو ست!

[ماجسٽريٽ جي اشاري تي حولدار رفيق کي هوريان هوريان پاسي واريءَ ڪوٺيءَ ۾ وٺي ٿو

وڃي. رفيق ”پنج سو سٺ، پنج سو سٺ،“ چوندو وڃي. حولدار به وڃي ٿو ۽ در ڍڪيو ڇڏي. ٻئي پاسي وارو ٻاهريون در کلي ٿو ۽ پوليس صوبيدار اچي ٿــو. سنڌس پٺيان جيلر به اچي ٿو.]

صوبيدار: [ماجسٽريٽ کي سلام ڪري.] سائين، اچي ويو؛ پر بلڪل ڪمزور آهي. ڊاڪٽر چيو ٿي ڏينهن به مس ڪيدي.

ماجسٽريٽ: [زور سان پر جهلي جهلي] تڏهن تــه قسمت وارو ڇٽبو! چڱو، اندر وٺي اچوس. [صوبيدار وڃي ٿو. سرشتدار کي] تون بيو پنو ڪڍ. هن جي به زباني وٺبي.

[ٻاهريون در کلي ٿو. به سپاهي هڪ ضعيف مريض کي وڏيءَ ڪرسيءَ تي اندر کڻي ٿا اچن. عمر جو هرويرو ايڏو وڏو ڪونهي؛ پر ڳري ڪنڊا ٿي ويو آهي. ڏري ڏري پيو ڪنگهي. ٽنگن تي قيمتي دشالو، بدن تي ڳري ململ وارو گرم ڪوٽ، ڳلي ۾ ريشمي مفلر، ڏسجي شاهوڪار پيو. ڪرسيءَ جي

پاسي کان سفيد ڪپڙن ۾ نرس بيٺل آهي،
جا ڪرسي ڪمري ۾ رکجي ٿي ته مريض کي
وچي سڌو ڪري ٿي ويهاري، ۽ سندس دشالو
ٺاهي. سپاهي پري ٿي ٿا بيهن ۽ جيلر جي
اشاري تي نڪري ٿا وڃن.]

ماجسٽريٽ: [مريض کي] اچي رسيو؟ اسين ته اوهانجي لاءِ منتظر هواسين.

مريض: [کنگهي تڪليف سان] هائو ۾ مون۾ طاقت ڪانهي جو اوهان سان گهڻو سوال جواب ڪريان. جيڪي پڇڻو هجي سو جلد پڇو. آءٌ هلڻ هارو، منهنجو حال ڪونهي.

ماجسٽريٽ: [ڪاغذ ڏيکاري] هيءَ ڪاغذ اوهانجي هٿ اکري آهي؟

مريض: [ڏسڻ ڪانسواءِ پري ڪري] هائو، هائو. منهنجو آهي، منهنجو آهي. مون اهو آفريڪا ۾ لکيو هو ۽ بمبئيءَ جي پوليس ڏانهن اُتانئي روانو ڪيو ويو.

ماجسٽريٽ: چڱو. هاڻي واردات واري رات جو بيان اسين اوهانجي واتون ٻڌون، اُنهيءَ کان اڳي آءٌ اوهانکي ڄڻايانٿو ته اوهين جيڪي ٻه چوندو اُهو سڀ

قانوني ريت اکر بہ اکر اسانجو شرشتدار قلم بند ڪندو ويندو.

مريض: نہ نہ اوهين دٻ نہ ڪريو. مونکي ڪنهن بہ ڳالھ کان انڪاري نہ ٿيڻو آهي. انهيءَ ڪاغذ تي منهنجي صحيح پيئي آهي. نہ اوهين دٻ نہ ڪريو. انساني قانون جي حد آءٌ اورانگهي ٿي آهيان؛ انهن قانوني دڙڪن جو اثر مونتي هينئر نہ ٿيندو. شڪر، شڪر.

ماجسٽريٽ: پلا بيان شروع ڪريو. [سندس ڪمزور حالت ڏسي] پر زياده تڪليف نہ وٺو. رڳو ايترو ٻڌايو تہ خون ڪهڙيءَ ريت ٿيو.

مريض: [ڪنگهي تڪليف سان] سيٺ ڪي آفيس جي در وٽ موٽر مان لهندو ڏسي آءٌ بہ سندس ڪيڏي اندر هليو ويس. سيٺ پنهنجي ڪمري جو در کولي، تجوريءَ جا طاق پٽي، منجهانئس جواهرات سڀ ڪڍڻ لڳو. آءٌ حيران پريشان، تہ خود ڪونيءَ جو خاوند، ههڙي بيگاه مهل، هيءَ ڪارروائي ڇو ٿو ڪري! سيٺ جواهرات سان ڳوٿريون ڀري، در ڏانهن

منهن ڦيرايو ته آءُ جو در جي چوڌڌ تي لڳو پينو هوس، ته مونتي نظر پئجي ويس، ۽ پانيانئو ته مونکي ڏسي سيٺ هبڪيو. پاڻ جهلي مونکي پاڻ ڏي سڏيائين. مونکي ٻڌايائين ته آءُ هيءَ هلت ڇو ٿو هلان. ڪن پل اڳ پئرس مان ڪا ڪيس تار آئي هئي ته ڪوني اوهانجي ڏڪاڻجي ويئي. مونکي هنئر پتو پيو ته سيٺ جي ڪارخاني جو هَلَڪُ سڀ ڏراوت واري پئسي مان ئي تي هليو. مونکي هنئر ڄاڻ ٿيو ته سيٺ جا هيترا بنگلا، هيتريون موٽرون، سيٺ جي هيڏي لوڏ، سڀ پرائي پئسي تي مبني هئي. هنئر جو پئرس واريءَ سندس ڪونيءَ ڏيوالو ڪڍيو، ته ونس اينترو ناڻو هوئي ڪون، جو لهڻيدارن سان ڪٽي پتائي. انهيءَ لاءِ سٽ ستي هٿائين ته هتي بہ ڏيوالپٽي ڀرجو وڃان، انهيءَ ڪان جواهرات ساڻ ڪري، روءِ پوش ٿي ڪيڏانهن پڄي چونہ وڃان. مون جو ڪيس ڏسي ورتو هو، سو آڇ ڪيائين ته پاڻ سان گڏ ونيو توکي بہ ٿو هلان ۽ جواهرات مان بہ پتي ڏيندو سانءَ. مون آنهن ڪئي. جواهرن جي ٻوڙي ڏيئي، مونکي چيائين ته پنئين در ڪان نڪري ڪٽي لڪائي اڄ، جئن مکيہ ڪاروباري جنهن پاسي واري ڪمري ۾ ولائت جي ٽپال پئي لکي،

اُنهيءَ کي ڪوشڪ نہ پوي. [ترسي تو؛ ٽڪل ٽو نظر اچي.]

ماجسٽريٽ: پوءِ؟

مريض: آءٌ جواهرن جي ڳوٿري ڪڍي اچا ٻاهر ٿيس تہ منهنجي دل ۾ هڪڙا حيرت جهڙا خونخوار خيال ترِي آيا. پاڻکي ٽو چوان: هيا، چوري تہ هوندن ٻہ ٽوڪرين، پوءِ ڪک چور، سـو لک چور. هنئر ڳوٿري تنهنجي ٻلي، ڳوٿري ڪڍي اِتانئي پسارتي وڃ. انهيءَ چوُنگ تي مون ٿوري دوڙ ٻہ پاتي؛ پر وري مونکي ٻيو دپ لڳو. چيم: شام لعل پاڻ ڏٺي، پوليس ۾ وڃي دانهن ڏئي، تہ ٻئي ٽنگون ڪاٺ ۾؛ اُٽلو جان جي ڪپت. انهيءَ لاءِ سيٺ جي ڇٽي پٽاندر ڳوٿري ڪٿي ٽانئيڪي رکي، مون وري موٽ ڪاڍي. آءٌ سچ ٽو چوان، اُنهيءَ گهڙيءَ تاءِ مونکي خوابِ خيال بہ نہ هو جو آءٌ خون ڪريان. [بلڪل هيٺو نظر ٽو اچي. ڪرسيءَ ۾ ڪري ٽو پوي.] پاڻي.

[جيلر اندران پاڻيءَ جو گلاس آڻي نرس کي ٽو ڏئي، جا هوريان هوريان مريض کي آهستي اُٽاري، سنڀال سان ڪيس پياري ٿي.]

مريض: [کن ترسي اُٿي تو ويهي، ۽ نرس کي اشاري سان هٽائي پري تو ڪري.] مون جڏهن موٽي ڪمري ۾ پير وڌو ته ڇا ڏسان ته سيٽ ميز مان ڪاغذ ڪڍي ڦاڙي ڦٽا پئي ڪيا. ڪاغذ ڦاڙي رهيو، ته مونکان ماچيس گهريائين. ماچيس مون وٽ هو ڪونه. چيائين ته پاسي واري ننڍي ميز جي خاني مان ڪڍي وٺ. ميز جي خاني ۾ هٿ مس وڌم، ماچيس جي عيوض منهنجي هٿ ۾ ڇري اچي ويئي. انهيءَ ڇريءَ سان داڳينن جون نوڙيون ڪپيون هيون. [جوش ۾] مونکي الهجي ڇا ٿيو؛ ڇري ڪٺي— ڪٺي— [ڏڪي ٿو ۽ ڪرسيءَ ۾ ڪري ٿو پوي.]

ماجسٽريٽ: بس، اسان سڀ سمجهيو.

مريض: [وري اُٿي، جوش ۾] باقي رهي هڪڙي ڳالهه. اِهي جواهر ڪٺي مون وڃي ڏيساور ڏوريا. اُتي واپار ڪيم؛ نالو ڪڍيم. پر دل اندر منهنجي آرام نه هو. اندر واري جا ڳوٺ اندر پيا گهوڙا پوندا هئا. حياتي سموري منهنجي وه ٿي پيئي. لکين رپيا مون دان ۾ ڏنا؛ هنڌ پنڌ مون مندر اڏايا؛ شهر شهر ۾ مون اسپتالون کوليون؛ پر اندر واري کي ڪٺي ڪا تسلي ٿئي، اندر واري کي ڪري ڪو آٿت

اچي! بنهہ نہ. اندر واري جي ڦٽ لعنت مونکي ٻرُ
ڪري وڌو. منهنجي تڏهن بہ اکــ پٽي ڪا نہ.
مونکي اڃا بہ اُميد هئي تہ دل جي آسمان مان هي
غبار نيٺ لهي ويندو. پر قدرت جي پاران صفائي
مونسان ٻيءَ ريت تيڙ لڳي. منهنجو هڪڙوئي
سڪيلڌو، جنهنجي لاءِ مون پَڙ پاتا هئا، جنهنجي لاءِ ئي
مون مايا تي ميڙي، اِنفليوئينزا ۾ اچي ورتو، ۽ جدائيءَ
جو داغ ڏيئي، مونوٽان سداءِ جي لاءِ موڪلائي ويو.
[روئي ٿو.] هنئر منهنجن اکين تان پٽي لٿي. هنئر مون
ڄاتو تہ جنهن ناسونت نالي لاءِ مون ڌرم ڌوتو، مون هيٺري
ڏوڙ وڌي، اُهو تہ نيبهہ تيطوئي ڪونهي. [ذرو ترسي]
وري بہ ڪٺي ڏک ۽ پڇتاءَ جو سهارو وٺان، سو نہ. اُنهن ڪان
آءٌ اُٽلو اڪڙ لڳس. انهيءَ لڪلڪ سورنءَ مون ڪري
شراب تي زور رکيو نتيجو اِجهو [پنهنجا هٿ پير
ڏيکاري] هي نڪتو. ٽنگون پير منهنجا نپٽ نيسائجي
ويا. انهيءَ حالت ۾ موت کي پاڻ مٿان هڪيو حاضر
ڏسي، هن بيگناهہ انسان جو مونکي ويچار ٿيو، جو
منهنجي ڪٽي جو ڪيتو اڃا پيو لوڙي. مون اُمالڪ
اُهو ڪاڳر هيڏانهن ڏياري موڪليو؛ ۽ آءٌ پاڻ بہ انهيءَ

حالت ۾ آفريڪا کان سڌو بمبئيءَ روانو ٿيس؛ جو ٻڌم ته هن ويچاري بيگناهه جي ڇوٽڪاري لاءِ منهنجي حاضريءَ جي نهايت ضرورت هئي. بمبئيءَ کان مونکي سڌو هتي وٺي آيا. سارو قصو—

[ٿوري دير بلڪل ماٺ ٿي ٿي وڃي. نرس مريض‌کي آرام وٺڻ لاءِ ليٽائي ٿي. ماجسٽريٽ خيال ۾ پسار پيو ڪري.]

ماجسٽريٽ: [ذرو ترسي] ڀلائي نپٽ نه ڪجي، اُنهيءَ کان وري به بهتر آهي ته ڀلائي دير سانئي ڪجي. [مريض ڏانهن نهاري.] هاڻ هتي هڪڙي شخص کي آڻبو. منهنجو مطلب—

مريض: [اوچتو ٽپ ڏيئي] نه، نه— انهيءَ کان مونکي بچايو. هي اندر جا وَڍ ڪافي آهن. هيڏي ڀوڳنا پيو ڀوڳيان، اُها بس آهي.

ماجسٽريٽ: [زور سان، پرجهلي‌جهلي] نهايت ضروري آهي جو هن گهڙيءَ اوهين ٻئي هڪ ٻئي جي دوبدو ٿيو. ڏسو— [اکين ۾ سندس چتائي نهاري] اوهين هاڻي اچي موت جي بنيي وٽ پهتا آهيو. وڃو ته هونءِ به ٿاءِ پوءِ ڇو نه لوڪ سان لاڳاپا لاهيو، انهيءَ کان

اڳيم، ڪنهن بيگناه جي دل تان بار لاهيندا وڃو؟

مريض: [بيو چارو نه ڏسي] ڇگو، آءُ ڪوشش ڪريانتو.

[ماجسٽريٽ جي اشاري تي جيلر اندرئين ڪمري جو در کولي ٿو. اشاري تي حولدار رفيق کي وٺي ٻاهر ٿو اچي. رفيق ٻهرين جيان نراسائيءَ ۾ ڪنڌ هيٺ ڪيو، ڪمري جي وچ ۾ اچي ٿو بيهي.]

ماجسٽريٽ: [ذرو ترسي] رفيق، ڪنڌ مٿي ڪر، هوڏانهن نهار. سڃاڻين ٿو ته سامهون ڪرسيءَ تي ڪير وينو آهي؟

[رفيق نهاري ٿو، پر ٻهرين نٿو سڃاڻي.]

[رفيق: [مونجهاري ۾، ڏانهس گهور سان نهاريندي] ڪير آهي؟ — ڪير؟ — ڪير؟ — برابر، برابر — يا خدا! — ياڳچند! منهنجو دوست، منهنجو برادر! — [سندس هٿ جهلي چمي ٿو ۽ روئي ٿو.]

ادا ياڳچند ڏس، قسمت منهنجو ڪهڙو حال ڪيو آهي. تون جو منهنجو ننڍي هوندي جو دوست هئين، جنهنکي منهنجا ٻارڙا چاچا ڪري ڪوٺيندا هئا، جنهن

ڪي منهنجي گهر واري سڳو پاڻ سمجهندي هئي؛ تو منهنجي خلاف شاهدي ڏني انهيءَ لاءِ آءٌ توکي ڏوهه نٿو ڏيان. تو ته اکين ڏٺي ڳالهه ڪري ٻڌائي. پر ياڳچند، اسانجو ن انساني اکيون اڪثر خطا ٿيون ڪائن. ظاهري نظاري کي حقيقت سمجهي، پاڻ ته ڀلجن ٿيون، پر خود اندرينءَ دل کي ٻه ڀلائين ڀرمائين ٿيون. پوءِ جي دنيا اکين ڏٺي ڳالهه ٻڌي، غلط فهميءَ جي وڪڙ ۾ اچي رهي، انهيءَ ۾ عجب ڪهڙو؟ نه ياڳچند، آءٌ ڪنهنکي ٻه ڏوهه نٿو ڏيان. انسان جي لاءِ پنهنجو ايمان ئي ڪافي آهي. فقط تون، ياڳچند تون، جو منهنجو هر حال ۾ رفيق هئين، تون هڪ وار چؤ ته مان بيگناهه آهيان، پوءِ دنيا ڇا به سمجهي، انهيءَ جي مونکي پرواه نه آهي. هڪڙي غمگسار دل، فقط هڪڙي دمساز درد واري دل، ساري دنيا جي ڪوڙيءَ گلا خوريءَ توڙي ڪوڙيءَ رضامنديءَ کان زياده اثرڪار آهي. ياڳچند، چؤ ته تون مونکي بيگناهه ٿو سمجهين.

ياڳچند: [ روئندو ] رفيق، تون بيشڪ گنهگار ناهين. تو جهڙو نيڪ ۽ شريف انسان اڃا منهنجي نظر نه چڙهيو آهي. [ ساٽوتي ڪري ٿو پٺي. ]

[ سرشتدار اڪ مان لڙڪ تو اُگهيءَ رفيق ڪمزوريءَ سبب ڌڏي پيو، تنهنکي جيلروڏي پاڪر ۾ تو وٺي. ماجسٽريٽ پنهنجي دلسوزي لڪائڻ لاءِ پنيرو ٿيو د ر و ت بيٺو آهي. ]

ڀاڳچند : [ موڳي آواز ] رفيق، جڙوي مون دوستيءَ جو حق ڪين سڃاتو، نه مون اِهو سمجهيو ته انسانيت ڇا کي چئجي. شڪر جو مرندي مهل ڪجهه فرض ادائي ڪري سگهاڻو. مان تنهنجي معافيءَ جو طلبگار ناهيان. اِها نعمت مو ن جهڙن لاءِ بڻهه ڪانهي. مان پل تـــ پنهنجي ڪيتي جو ڦل پوڳيان. انهيءَ ۾ ٿي منهنجي ڀلائي آهي ۽ جڳه جو ڀلو به انهيءَ ۾ آهـــي. [ ڪن ماٺ. ڀاڳچند گهڻو بي آرام نظر تو اچي ۽ ڪرسيءَ تان اُٿڻ جي ڪوشش تـــو ڪري. نهايت بي آراميءَ سان تو چوي.] روشني— روشني — اڃا ته صبوح آهي. او نده ڇو ٿيندي وڃي؟ آه—آه— د م تو گهٽجي. [ ڳچيءَ مان مفلر لاهڻ جي ڪوشش تو ڪري ۽ واڪي سان چويٿو.] رفيق، ڇوري ۽ خون—مو ن—مون— [ ڪري تو پوي ۽ اٿين ٿي. ڪرسيءَ ۾ اونڌو ٿي دم تو ڏئي. ]

رفيق : [ ڇرين جيان ] ڇا!— ياڳچند، ياڳچند،
توکي فرشتو ڪونيان يا خبيث؟

[جيلر رفيق کي پاسي تو ڪري. نرس ياڳچند
جي نبض ڏسي ناڪار جو ڪنڌ تي لوڏي، ۽
سندس منهن چادر سان ڍڪي ٿي. ماجسٽريٽ
جي اشاري تي صوبيدار ٻاهران سپاهين کي سڏي
ٿو، جي ياڳچند جو مڙه ائين ڪرسيءَ تي ئي
کڻي ٻاهر وڃن ٿا. نرس ۽ صوبيدار به نڪري
ٿا وڃن. سرشتدار ڪاغذ ميز تي ڇڏي،
قلم ڦٽو ڪري اُٿي ٿو. سندس چهري
مان ڏک ظاهر آهي. ماجسٽريٽ ڪنڌ جهڪايو
گنڀير ٿيو ويٺو آهي. رفيق ڀنيرو ويٺو آهي.]
ماجسٽريٽ: [رفيق ڏانهن وڌي، نرمائيءَ سان.]
رفيق تون بيگناه آهين، انهيءَ جي ثابتي ملي چڪي.
[رفيق ائين ئي موڳو ٿيو ويٺو آهي.] رفيق ٻڌين ٿو؟
تون بيگناه آهين، آزاد آهين.

رفيق: [مونجهاري ۾] بيگناه — آزاد— [پنهنجن
ڪپڙن ڏانهن نهاري ڪنڌ مٿي کڻي] ڇا سائين؟—
منهنجو — منهنجو هيڻو، گهٻرايل دماغ مونکي ڪوڙا

سپنا پيو ڏيکاري؛ منهنجن ڪنن تي ڪوُڙا پڙلاءُ پيا پون.

ماجسٽريٽ: نہ، نيڪمرد، تون برابر بيگناہ آهين، آزاد آهين. تنهنجي دکي زندگيءَ ۾ قدرت وري هي پيو ڪرشمو تي ڏيکاري.

رفيق: [اچا نٿو سمجهي.] بيگناہ — پندرهن ورهيہ گنهگارن جي دفعي ۾ داخل، پوءِ بي گناہ! آزاد— پندرهن ورهيہ جيڪي جهنم ۾، پوءِ آزاد! نہ، نہ، ائين ڪٿي هوندو؟ اِهو رڳو منهنجو وهم آهي.

جيلر: [رفيق کي هٿ ڪانوني] نہ رفيق، تون سچ پچ آزاد آهين. وٺيئي اوڏانهن وڃي سگهين ٿو.

رفيق: ڪيڏانهن وڃان؟ آزاد— جڏهن آزاديءَ جو آءُ مطلب ئي ڀلجي ويو آهيان! آزاد، جڏهن آزادي منهنجي لاءِ نڪمي!

ماجسٽريٽ: رفيق!

رفيق: سائين، اوهين پاڻ چئو، آزادي مونکي هاڻ ڪهڙي ڪم ايندي؟ نالو ويو، [ڇاتيءَ تي زور سان هٿ هڻي] نمبر مليو؛ نمبر مليو، نالو ويو. آزادي! جن جي خاطر آزاديءَ جي خواهش هئي، آجائيءَ جي

طلب هئي، تنسان الهجي ڇا ٿيو! خدا ڄاڻي اُهي ڪٿي رهيا! نہ سندن نالو نہ نشان! آزادي! ڄمري جن جي ڪاڻ هئي، جنجي خدمت، جنجي پالنا، منهنجو مرڪ هو، اُنهنڪان ـــ اُنهنڪان ـــ بيوفا قسمت ڇني ڌار ڪيو. انڌي انساني انصاف مون بي خطا ۽ بي جرم سندو گهر برباد ڪيو. [خيال ڪري روئي ٿو] جيڪا تقدير! [ڪن ماٺ] هاڻ اوهين خود ڇٽو، منهنجا مشفق، پاڻ ڇٽو منهنجا سڀاجها سائين، تہ جنهنجي سر تي وحشي الزام تہ تون خوني، جنهن کي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ پڪاري، چون، ”خوني، خوني،“ اُنهيءَ کي هن سکڻيءَ آزاديءَ مان ڇا حاصل؟ مونکي اهڙي آزاديءَ مان ڪهڙو سک؟ [انهيءَ سوال سنئون ڳنڍ ٻانهون ٻ ڳهيڙي ٿو بيهي.]

جيلر: [منهن ڦيرائي] يا خدا!

[ماجسٽريٽ ڪنڌ هيٺ ڪيو بيٺو آهي.]

رفيق: [جواب نہ ملڻ تي.] خوني! خوني! پندرهن ورهيہ خوني، جنهنکي بلڪ قيد خاني ۾ ٻہ، ڏينهن رات، مضبوط زنجيرن ۾ خوفناڪ قيدين سان ڳنڍ ڪيو ويو؛ جنهنجي انسانيت ڪانئس کسي ويئي؛ نــ

جنهنکي دنيا جي خبر، نه جنهنجي دنيا کي خبر؛ جنهنکي — جنهنکي — [روئي] اِهو به پتو کونهي ته دنيا ۾ باقي کو سندس غمگسار آهي يا نه، باقي کو سندس دمساز آهي يا نه؟ انهيءَ کي آزادي؟ — آزادي؟ [ناکار جو کنڌ تو ڌوڻي.]

ماجسٽريٽ: ويچارو آزاريل انسان! پريا مڙس، دل نه لوڙهه. ڪٿي تو چيئين ته تنهنجا عزيز، تنهنجا پيارا، تنهنجا سنگي ساٿي، توکي ڏسي خوش نه ٿيندا؟

رفيق: عزيز! پيارا! سنگي ساٿي! ڪير آهن؟ ڪٿي آهن؟ [ياد ڪري] پندرهن ورهيه اڳي هڪ معصوم ٻچڙو هو، هڪ فرشته صفت نياڻي هئي، ۽ — ۽ — اُنهنجي ماءُ. اڄ — [دل پرجي ٿي اچيس.]

ماجسٽريٽ: رفيق، تون اُلڪو نه ڪر. تنهنجا بار ٻري اوري ڪٿي اوس هوندا. اسين توکي هر نموني جي مدد ڪنداسين، تون هلي کين ڳولي لهجائين. پنهنجي خاطر نه، ته اِنهن ڏکويلن جي صدقي ئي، همت ڪر. آزادي هڪ املهه وٿ آهي، قدرت جي طرفان هڪ نعمت آهي، جنهنکان انساني انصاف توکي هيترا سال محروم رکيو. هاڻي قدرت جو عدل،

اها نعمت وري توکي موٽائي تو ڏئي؛ اُنهيءَ جو قدر ڪر. هاڻ توکي وري به دنيا ۾ انسان ٿي رهڻو آهي. [ ڪلهن کان جهلي ] رفيق، هاڻ تون هي نمبر وارا ڪپڙا نه پائيندين.

رفيق: [ نيٺ ڳالهه سمجهي ] هان!

ماجسٽريٽ: هائو. — ۽ نه هتي قيدخاني ۾ گذاريندين. ڏس رفيق، تنهنجي ڏک جو زمانو پورو ٿيو.

رفيق: سچ، سچ، تڏهن آءٌ سچ آزاد آهيان؟— انسان آهيان؟ [ ڪپڙن ڏانهن نهاري ] هنن نمبر وارن ڪپڙن کان مونکي ڇوٽڪو ملندو؟ چئن ديوارن کان ٻاهر وڃڻ جي مونکي اجازت جڙندي؟

ماجسٽريٽ: بيشڪ، بيشڪ.

رفيق: [سندس هٿ چمي، اڌ روئندو اڌ کلندو] منهنجا مهربان، منهنجا مشفق، اڄ توهان اهو ڪم ڪيو آهي، جو پندرهن ورهيه سانده خود خدا نه ڪيو. پندرهن ورهين کان پوءِ اڄ اوهين هڪڙي بيگناه مظلوم کي نئين زندگي ٿا عطا ڪريو.

ماجسٽريٽ: [ پاڻ ڇڏائي، عملداري نموني ۾ ] چڱو، هاڻ تون وڃي آرامي ٿي. سرڪاري ڪاغذن

تي صحيح وني، سياڻي صبوح جوئي توکي آزاد ڪبو. اسانجو سرشتدار پوليس کي ساڻ ڪري، اڄ ئي وڃي تو پنو ڪڍي ته تنهنجا ٻار ڪٿي ٿا رهن. شل شهر ۾ هجن.

[حولدار کي ماجستريت اشارو ٿو ڪري، جو رفيق کي جيل خاني واري دروازي ڏانهن وٺي ٿو وڃي. رفيق وري پھرين وانگر نا اُميديءَ ۽ نراسائيءَ ۾ ساڙو ٿيو، پير پير ۾ گھليندو وڃي. توري ويرم بلڪل ماٺ. ڪنهنکي به جرات نٿي ٿئي جو ڳالهائي. نيٺ ماجستريت چوي ٿو.]

ماجستريت: [جيلر کي] اوهين مهرباني ڪري هنن زبانين تي شاهد طور صحيح ڪريو.

جيلر: [ماٺ ميٺ ۾ وڏي صحيح وجهي.]

ڪنهنجي خطا؟ ڪير سزاوار؟ پند رهن ورهيه خوني — ۽ هاڻ —

ماجستريت: [ميز تان ٽوپي کڻي] هڪ آزاريل انسان!

سرشتدار: [ڪاغذ زور سان بند ڪري ميز تي هڻي ۽ اُٿي] انساني انصاف!

[پردو اُماڪ ڪري ٿو.]

# خوني

## مهاڳ

## باب پهريون.

## الاهي عدل!

---

### ويس ڌاري

[ٻئي باب ۾ نمبروار]

سرشتيدار
رفيق
بتول
لطيف
يارو
رمزو
شمسي
احسان

وڏا وڻ وڻڪارجا، جت ناڳ سڄڻ ئيلا،
آئي، عبداللطيف چئي، ڪيا هيڪاين ھيلا،
جت ڪٿڙي نہ قبيلا، تت رسج رهبرا! راهہ جا!
شاهہ.

### ويس ڌاري

[ٽئين باب ۾ نمبروار]

رفيق
بتول
رمزو
يارو
لطيف
شمسي

# ھاگ

[چانڊوڪي رات. فقير ۽ سندس ٻالڪو
نظر ٿا اچن. فقير ڏوھيڙا پيو چوي.]

فقير: [اندران ئي] سيويو جن سبحان، ويرِ نہ وڙهي تن سين،
توبہ جي تاثير سين، ترِي ويا طوفان،
ڏيئي توڪل تڪيو، آرِ لنگھيا آسان،
ڪامل ڪشتيبان، وچ ۾ ڳڏين واهرو.
[ٻاھر ٿو نڪري.]

[فقير پيو ڏوھيڙو پيو چوي تہ رفيق ۽ سرشتدار
ھڪڙي پاسي کان اچن ٿا.]

فقير: ھڪِي ٻانھي چِت ۾، ٻي جا ڪري الله،
پاڻھ وجھي کُن ۾، پاڻھ اُڪاري اوڙاھ،
تھ واحد کي واھ، جو سُنڙ سيئي ڪري.

سرشتدار: رفيق، ترس تہ فقير جو ڪلام ٻڌون.
[پاسي کان ٿي ٿا بيھن.]

فقير: ھڪِي ٻانھي چِت ۾، ٻي جا الله ڪري،
پاڻھ وجھي کُن ۾، پاڻھ ڪنڌيءَ ني،
سُنڙ سي ڏيوئي، جـــي تَڙ توائي مڪڙا.

[سرشتدار وڏي ٻالڪي جي ڪشڪول ۾ پئسو ٿو
وجھي.]

سرشتدار: رفيق، هاڻ هل تہ نڪري هلون.
[آهستو آهستو نڪري ٿا وڃن.]

فقير: [بالڪي کي، رفيق ڏانهن اشارو ڪري] ڏس بابا، هي اٿئي تقدير هٿون چوٽ کاڌل انسان جو مثال. اوهو! خواب در خواب! سندس شڪستہ دل ۾ هنئر ڇا پيو گذري، تنهنجي جڳہ کي کھڙي سڌ؟

سگھن سُڌ نہ سُور جي، گھايل ڪٿن گھارين!
پڊل پاسو پٽ تان، وايو وڙ نہ وارين،
ٻرِ ۾ ٻچن پريءَ لاءِ، هيءَ! هنجون هارين،
سجڻ جي سارين، تن رويو وهامي راتڙي.

[نڪري ٿا وڃن.]

# باب ٻيو

---

## يارو۽ جو هٽ ۽ هوٽل

[پردي کلڻ تي هڪڙو غريباڻو ڪمرو نظر ٿو اچي. ساڄي پاسي کان ٻئي ڪمري ۾ وڃڻ جو دروازو جنهن ۾ يارو رهي ٿو؛ کاٻي پاسي کان مٿي ويندڙ ڏاڪڻ واري ڪمري جو دروازو؛ ڏاڪڻ جو هيٺيون پاڳو ڇت کان هيٺ نڪتل؛ پٺئين۽ ديوار ۾ دڪان جو وڏو دروازو پيو ڏسجي، جو ٻاهر رستي تي کلي ٿو. هي۽ آهي يارو۽ جو دڪان، ۽ "هوٽل" جو هيٺيون طبق. هوٽل مٿي آهي، جتي جوا ۽ شرابخواري به ٿيندي آهي، جئن شهر جي غريباڻي حصي جي هوٽلن ۾ اڪثر ٿئي پيو. هوٽل ڏينهن جو بند ٿي رهي، ۽ رات جو مزور ڪم تان موٽن، ته کلي ٿي؛ جتي ڪي ڪاسبي ساز سرود سان محفل مچايو ويهن. هن هيٺئين طبق ۾ ساڄي پاسي اوريرو هڪ ننڍي ميز ۽ ٻه پيگل

ٽتل ڪرسيون پيبون آهن. ساڄئي پاسي،
پريرو، هڪ ڊگهي صندل تي ان، اٽو، گيهه،
چانور ۽ ٻيو وکري جو سامان رکيو آهي.
ديوار ۾ الماري آهي، جنهن ۾ سودا لمليت
جون باٽليون ۽ ٻيو سامان سجايو رکيو آهي.
کابي پاسي ديوار سان لڳل هڪ بينچ پيو آهي.
ٻئي بينچ پراٽا پٽيءَ ڪانسواءِ آهن. ڪمري
جي وچ ۾ هڪ فانوس ٽنگيل آهي. ٻاهريون
دروازو غريباٽي رستي تي کلي ٿو.
رستي جي ٻئي پاسي پڳل ٽتل هڪ طبقا
مڪان ۽ پُنگا دروازي مان نظر ٿا اچن.

[ٻاهريون دروازو کليو پيو آهي. رفيق بلڪل
غريباٽي لباس ۾، جو جيل مان ڇٽڻ ڪانپوءِ
ڪنهن جهوني پراٽي واري کان هٿ ڪيو
اٿس، ۽ سرشتدار تنهنڪان بهتر لباس ۾، ٻاهرين
دروازي مان اندر اچن ٿا.]

سرشتدار: [هيڏانهن هوڏانهن نهاري رفيق کي،
جنهنجو پٺڙين جيان نراسائيءَ ۾ ڪنڌ هيٺ آهي]
تُوس تہ برابر هن مڪان جو ملبو. [نظر ڦيرائي] هان!
پُل تہ ڪاڏتو ڪريان؟— پر هيءَ هوٽل آهي يا دڪان؟

ترس. [خيال ڪري] چيائون پٽي ته شهر جي اُترئين پاسي، جتي مزورن جا پُونگا آهن، هڪڙيائي ڊگهي پڪي سڙڪ آهي— سا ته براۓ هيءَ آهي. انهيءَ سڙڪ تي ڪي ڏوچتي جاءِ آهي، جنهنکي ياروءَ جي هوٽلِ ڪري ٽا سڏين. بي ته ڪا اهڙي جاءِ مونکي نظر ئي ڪان آئي. سڄي سڙڪ تي جايون رڳي پيگل ٽتل سرن جون ۽ پُونگا هوا. ڪٿ رفيق، هن چوري به ته اسانکي پر ٻان هيءَ جاءِ ڏيکاري؟

رفيق: [هيٺائيءَ سان ڪند ڌوُٽي] هائو.

سرشتدار: هون— [نظر ڦيرائي] هتي هوٽل وانگي ميزون ڪرسيون برابر پيل آهن. چڱو پلاءِ ڪن ويهون ته سهين. انهيءَ وچير مَن ڪو اچي وڃي! پوءِ جون ڳالهيون پوءِ سان. [سامهون اچي نندي ميز وت ڪرسين تي ويهن ٿا.] رفيق، همت ڪر. جيڪڏهن اسانجو شڪ درست آهي، ۽ پوليس وٽان مليل خبر صحيح آهي، ته اِجهو ٿا ڳولهي لهُونِ.

[اندريون در کلي ٿو، هڪ مائي، جان جي ڏيري، جنهنجي بلڪ ڪومائجي ويل چهري مان اڳوٽو نمڪ ۽ خانداني بهڪي پيٺي، پر جنهنجي چال ۽ بيهڪ منجهون از حد

ڏکـــ ۽ نراسائي ظاهر آهن، هڪ اڻ ٻريل فانوس هٿ ۾ کڻي، ٻاهر ٿي نڪري.]

سرشتيدار: شش! خاموش! [پاڻ پنهنجي ڪوٽ جو ڪالر چڙهائي ويٺي ٿو رهي.]

[ٻنهي جي نظر مائيءَ ۾ آهي. روشني گهٽي گهٽجي ويئي آهي، ۽ مائي هنن کي نٿي ڏسي. فانوس هٿ ۾ کنيو، سامهون ڏاکڻ واري دروازي ڏانهن قدم قدم گهليندي، آخر اندر هلي ٿي وڃي.]

سرشتيدار: [ڇپن ۾] ڪٿي رفيق؟

رفيق: [اُٿي، دل جهلي] يا خدا!—

سرشتيدار: ڏٺو. اسان اڄا سندس شڪل ڪانه ڏٺي.

رفيق: [ٻي آڏهيءَ سان] نه، نه، منهنجون اکيون ضرور نگهارجن ٿيون ۽ پنڊرهين سال!— نه، نه، منهنجو ڪمزور دماغ مونکي ڪي ڪوڙا چٽ ٿو ڏيکاري!— ٻر— ٻر— هيءَ دل جي ڪشش! هيءَ—

سرشتيدار: شش! اڇها مونکي پيٽي اچي. هاڻ ڪوشش ڪري شڪل ڏسون ٿا.

[مائي موڙي تي اچي. سندس نظر سامهون آهي ۽ هنن کي ڏسي ٿي.]

مائي: [ڏرو ڀري ڪانئي] ڇا ڪٿي اچان؟ [سندس آواز ڏراسائيءَ سان ڀريل آهي.]

سرشتدار: مائي، اسين ته هوٽل سمجهي ڇاڪوپ پيڻ آياسين.

مائي: هوٽل مٿئين طبق ۾، ٻاهريون دروازو ٻنيان.

سرشتدار: يارون جي هوٽل؟

مائي: هائو.

سرشتدار: هيءَ — دڪان ۾ ياروءَ جو؟

مائي: هائو.

سرشتدار: يارون پاڻ؟

مائي: بازار ۾. [ڏرو ماٺ تي ٿئي، جنهن ۾ مائي ڪند ورائي موڙي ويڻ جي ڪري تي؛ ۾ نظر ڦيرائي ڪين ڇڏي ٿي.] ڇاهه گهرجي ته هلي مٿي ويهو؛ آءٌ هيٺري ۾ تاهي ڪٽي تي اچان.

سرشتدار: ڇاهه هيٺان تاهي مٿي آڻي پوندي ڇا؟

مائي: هائو. هوٽل جا نوڪر اچا نه آيا آهن.

سرشتدار: سو ڇو؟

مائي: هوٽل ڏينهن جو بند رهي، ۽ سنجهي جو مزور ڪم تان موٽن، انهيءَ بعد کلي.

سرشتدار: سمجهيو. اسين پلا هتيئي ڇونه ويهون؟

مائي: جئن مرضي. مٿيون ڪمرو سنو ۽ صاف آهي.

سرشتدار: نه، نه، اسين هتيئي تا ويهون.

مائي: ڀلي.

[دروازي ڏانهن وڃي وري موٽي ٿي. اونده وڌندي وڃي. مائي گهوڙي تان ماچيس کڻي، ڇت جي وچ ۾ ٽنگيل فانوس جي لاهڻ جي ڪوشش ڪريٽي، پر همٿ پهچي نٿو سگهيس. رفيق وڃي فانوس مان بتي ڪڍي تو ڏئيس، ۽ سندس منهن ۾ چتائي ٿو نهاري. مائي ڪند کڻي جهڪائي ٿي.]

مائي: [بتي وٺي] مهرباني سائين. [بتي ٻاري، ٿي. رفيق کانئس بتي وٺي فانوس ۾ رکي ٿو. مائي گهوڙي تان بہ ڪوپ کڻي اندر وڃي ٿي.]

سرشتدار: [وڏي ٽڪڙو] ڪٿن رفيق، چا تو پائٿين؟

رفيق: شايد. پر ڪٿي ڪٿن تئي؟— پندرهن ورهيه تيا! هوءِ ته جوان هئي، حسين هئي، خوش خُلق هئي. هيءَ؟— وري هتي؟—

سرشتهدار: خير. سڀ ته پڪڙيو اٿون. باقي به پنو چاڙ پيو. [ترسي] هاڻ ترس ته هن مان ڪو منجهه ڪيو ن ته پاڻ آهي ڪير ۽ هتي ڪري، ڇا پيئي. [سندس پٺي لپي] رفيق دل جهل؛ منزل بري ڪانهي.

رفيق: [پنهنجيئي خيال ۾] اچا ڇي جڳ جو ڪاروبار عدل ۽ انصاف تي ٻڌل آهي!

سرشتهدار: هاڻ ٻڌ. موقعو موزون آهي؛ ٻيو ڪوئي ڪونهي؛ اڪيلائي به آهي. تون وجهه وٺي ساڻس وڃي ڳالهيون ڪر. مَنَ ڪو سِرُ اسرار ڪلي پوي. پاڻ جي اُها آهي، جنهنجي لاءِ پاڻ تلاش پيا ڪريون، ته پوءِ منهنجي هوندي ضرور ڪجهه اٽڪاءُ ٿيندو. تنهنجو آءُ حال نڪري تو وجان. ڪلاڪ اڌ ڪانپوءِ وري تو موٽي اچان. ڪٿن؟

رفيق: ڇگو. پر—

سرشتهدار: نه، نه، ٻيو اُلڪو ڪرئي ڪونه. هتي چاه جو ڪوپ پيءِ، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي رهه ته

ڀولو ڪونهي. [گنڀيرائيءَ سان] پر رفيق، حال ﭘاڻ پڌرو نہ ڪجائين. هي مڪان خوفناڪ، ڪير جاٽي هوٽل جو مالڪ ڪير! اوري ﭘاري جا ماڻهو ڪهڙا! منهنجي اچڻ جو بہ انتظار رکجائين.

رفيق: چڱو.

[سرشتدار: سندس ﭘني نپڙي، تورڙو ﭘاهرﭘرو وڃي، وري موٽي ٿو.]

سرشتدار: سمجهيئي رفيق؟ ڪنهن بہ صورت ۾، منهنجي اچڻ کان اڳ۾، ﭘاڻ پڌرو نہ ڪجائين. نڪي هتون چرجائين. هتيئي وينو رهج. هتي جا لِنا، هتي جا ﭘَتَ، تون سڃاڻين ڪين.

[رفيق ننڍي ميز تي ڪنڌ هيٺ ڪيو وينو آهي. ﭘاهران رستي تان فقير جي ڳائڻ جو آواز ٿو اچي. فقير ۽ سندس ٻالڪو دروازي وٽان لنگهي ٿا وڃن.]

فقير: [ﭘاهران] ويچارا وايوڙ، سدا شاڪر سوُر سين، تاڻين متي توڙ، اوري ڪن نہ آسرو.

[رفيق جو خيال فقير جي ڳائڻ ۾ آهي. مائي آهستو آهستو اندران اچي ٿي ۽ بہ ڪوپ چاهہ

جا ميز تي رکي ٿي. رفيق ڇرڪ ڀري مٿي ڏي نهاري ۽ ورڻي نظر جهڪايو ڇڏي.]

مائي: [کوپ رکي] اوهانجو همراهه؟

رفيق: همراهه؟— هائو، ڪنهن ڪم ويو آهي.

مائي: پيو ڪجهه کپي؟

رفيق: نه. [ڏانهس اک تيڏ ڪري نهاري] اهوئي ڪافي آهي. [مائي وڃي ورڻي موٽي ٿي ته رفيق ڪٽي تو ڪند جهڪائي.]

مائي: [موٽي] تڏهن پيو ڪوپ هنئر ڪٽي وڃان؟ چاهه نه ته ٺري ويندي.

رفيق: ڀلي.

[مائي ڪوپ کڻڻ اچي ٿي. رفيق پاڻ سنڀالڻ جي گهڻي ڪوشش تو ڪري، پر سندس همت ٽڏي تو ۽ ڪوپ جو چپن وٽ اٿس، سو ڪري تو پوي. چاهه سڀ هارجي ٿي وڃي ۽ رفيق ٽپ ڏيئي اُٿي تو بيهي.]

مائي: ڇو؟ اوهانجو غمت پيو ٽڏي! ناچاڪ ٿا ڏسجو. اهڙي حال ۾، هن اڻانگي مهل، گهر کان ٻاهر نه نڪرو ها ته چڱو هو.

رفيق: گهر — گهر — [مائي ڏانهس عجب جي نظر سان نهاري ٿي. رفيق پاڻ سنڀالي ٿو وٺي.] آءٌ — آءٌ — هتي هڪ اَجنبي مسافر آهيان.

مائي: [ڏرو ڏانهس نهاري پنتي موٽي ٿي ۽ تڏو ساڻ کڻي پاڻمهاڙو چوي ٿي] ويچارو اجنبي مسافر!

رفيق: [اُٿي، ڪيس وڃڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ۾] آءٌ — آءٌ اوهانجو شڪرمند آهيان.

مائي: [منهن ڏانهس ورائي، عجب ۾] منهنجا شڪرمند؟ شڪرمند اُنهيءَ جا ٿيو، جنهن ڏک — سک — خلقيو.

رفيق: ڏک — لاءِ به شڪرمند؟

مائي: هائو، اجنبي مسافر؛ نه ته گذريل سک جي گهڙيءَ جو قدر ڪيئن پوي؟

رفيق: سک جي گهڙي! سک! دنيا ۾ سک آهي؟ هيءُ جهان ته رڳو گرم ڳوڙهن جو جوش پريو درياءُ آهي! سنسار ۾ سک وري ڪٿان آيو؟ سک ته موت ۾ ئي سمايل آهي. انسان فنا ٿئي، اُنهيءَ کانپوءِ ئي ڪا اُميد رکي سگهي، جو ڪيس سک نصيب ٿئي.

مائي: نه اجنبي مسافر. هن سنسار ۾ به سک

آهي، ۽ ڏکيءَ ۾ ڏکي انسان به انهيءَ کي حاصل ڪري سگهي ٿو

رفيق: اهو سک ڪٿي آهي؟

مائي: [ ترسي ] گذريل زندگيءَ جي يادگيريءَ ۾.

رفيق: منهنجي اُنهيءَ زندگيءَ جي يادگيريءَ ۾ ته ڏکئي ڏک آهي.

مائي: ته اوهانجي سک جو زمانو انهيءَ زماني کان به ضرور اڳي لنگهي ويو هوندو. هر انسان جي زندگيءَ ۾ سک جي گهڙي ضرور اچي ٿي؛ پوءِ تقدير کي ڏينهن کيس ڪلائي ڪلائي، نيٺ شايد وحشي بنايو رلايو ماري.

رفيق: [خيال سان ٿڌو ساه کڻي] برابر. برابر. سک جي گهڙي پنهنجي زندگيءَ ۾ مون به ڏٺي. [ڏانهس نهاري] اوهان پاڻ به پانئجي ته ڏک گهڻو ڏٺو آهي. معاف ڪجو، اينترو اوهانجي چهري مان ظاهر آهي. دکي انسان جي دل ۾ هزارين حسرتون اهڙيون ٿين ٿيون، جي ڪوشش ڪندي به روڪي نٿيون سگهجن.

مائي: هائو، اجنبي مسافر؛ ۽ اهڙا به گهڻا ئي ارمان ٿين ٿا، جي دل جو دل ۾ ئي سمايا رهن ٿا، ۽

ڪڏهن به ظاهر نٿا ٿين.

[ذرو ماٺ ٿي ٿئي. مائي نظر ڦيرائي، آهستو آهستو نڪري ٿي وڃي.]

رفيق: [ڏانهس نهاريندو، سندس وڃڻ ڪانپوءِ] ويچاري ڏکويل، غريب ستايل!

[اتي لطيف ٻاهران ڏوڪيندو اچي. اٽڪل ٻاويهن ورهين جو قداور جوان آهي. مزورن جا ڪپڙا پيل اٿس.]

لطيف: [اندر اچي، اندرئين در وٽان سڏي] امي — اما—

رفيق: امي!— امان!— يا خدا!— [ڏانهس نهاري ٿو. لطيف پنيرو آهي.]

لطيف: اڙي ڪو آهي؟ [هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو. البت نشي ۾ تو ڏسجي. رفيق تي نظر پوڻس ٿي ته وڏي اڳيرو ٿو ٿئي. بيپرواهيءَ سان] اڙي هتي ڪو آهي؟ تون ڪير آهين؟ دڪان جو نوڪر آهين ڇا؟

رفيق: نه، آءٌ هڪ اجنبي مسافر آهيان.

لطيف: اجنبي مسافر! واه! هتي وينو ڇا ڪرين؟—

[نزديڪ اچي، ڪوپ ڏسي] اوهو! چاهه پيو پئين! پلا چاهه ڪنهن ڏنيءَ؟

رفيق: مائيءَ.

لطيف: مائي! مائي! [ڪلي] اوهو! منهنجي. ماءُ . تڏهن پاڻ هتي آهي. [وري در وٽ وڃي سڏي، تو] امي — اما —

[بتول اندران اچي ٿي. سندس هٿ ۾ ٿانءُ آهي، جو لطيف کي ڏسي اُتيئي هٿ مان ڇٽي ٿو پويس.]

بتول: [اچي، دروازي وٽ بيهي، اُڪير مان] ڪير — لطيف! [ڏک ۾] سو اڄ وري اٿين ڏينهين منهن ڏيکاريو اٿيئي. [نزديڪ ٿي اچي. لطيف ڪنڌ هيٺ ڪيو هٿ پيو مهٽي.]

لطيف: [هبڪي] امي، آءٌ — آءٌ —

بتول: [ڪاڏيءَ کان جهلي، سندس ڪنڌ مٿي ڪري، منهن ۾ چٽائي نهاري] وري به نشي ۾؟ [ڏک ۾] لطيف، توکي ٿيو ڇا؟ [ڪيس ڏوڏي ٿي] هيڙا حال پنهنجا ڇو ڪيا اٿيئي؟

لطيف: [اکيون مهٽي، پاڻ کي هوش ۾ آڻڻ جي

ڪوشش ڪري] امي، تون چاڻين ٿي ته مون کو
ڪُڏِ پئي پاڻڪي هن حال ۾ نه آندو آهي. امي، هيءَ
گهر مون ڇڏيو، انهيءَ ڪانپوءِ — انهيءَ ڏينهن جيڪو
قصو ٿيو، انهيءَ ڪانپوءِ — منهنجيءَ دل ۾ خوفناڪ ۽
شرمناڪ خيال پيا اُٿن. اُنهن ڪان آجي ٿيڻ جيڪوشش
۾ ئي مون — مون —. امي، دنيا مونکي مجبور ڪيو،
دنيا ۽ تنهنجيءَ حالت.

رفيق: يا خدا!

بتول: لطيف!

لطيف: امي، تون ڪهڙي نه بهادر آهين! تو
اسانکان هن ڳالهه لڪائڻ جي ڪيتري نه ڪوشش
ڪئي! پر ڳالهه نيٺ ظاهر ٿي پيئي؛ تنهنجو راز لڪل
رهي ڪين سگهيو.

بتول: لطيف، اِها ڳالهه وري وري مونکي
منهن ۾ ڇو پيو ڏئين؟

لطيف: نه، امي، ڇڏ ته آءٌ پنهنجي پيڙيل دل
تان بار لاهيان. امي، تو پنهنجن ٻارن لاءِ، اسان لاءِ،
ڪهڙي قرباني نه ڪئي؟ هائو، تو پنهنجو ايمان به
وڪيو — اسانجي نيپاج خاطر، تو پنهنجو دين به ڏوتو.

اِهو ڏکـ ديوانو ڪري ڇڏڻ لاءِ ڪافي ناهي؟ [بتول ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺي آهي. لطيف هٿ مهٽيندو، ذرا اچ وچ ٿو ڪري. نيٺ ڏکـ جي عوض ڪاوڙ تي اچيس، ۽ ڀريٽي بيهي ٿو رهي.] ڏکـ! ڏکـ! ڏکـ، ڇو ڪجي؟ ظالم دنيا ۾ ڏکـ ڪرڻ ناداني آهي. ڏکـ جو ڪهڙو قدر؟ ڏس، تو پنهنجو مادري فرض هيتري جفا ڪشيءَ سان ادا ڪيو، پر دنيا ڪي ڪو تنهنجو قدر؟ جهان تي ڪو اُنهي جو اثر؟ دنيا! — انساني انصاف ٿو ڪان پنهنجو وسيلو ڪسي ورتو، ۽ انهيءَ ساڳئي بي عدل انصاف توکي ٻئي حقي وسيلي هٿ ڪرڻ جي موڪل به نه ڏني. ساري ڄمار توکي اهڙي هڪ جي حق ۾ اڙيل بڌيل رکيو، جنهنکي پيءُ چوندي مونکي شرم ٿو اچي.

[رفيق ڪنڌ جهڪائي ٿو ڇڏي.]

بتول: لطيف، لطيف —

لطيف: نه، امي آءٌ سچ ٿو چوان. دنيا جو بي عدل انصاف ته ڏس! ڪنهنجي خطا! ڪنهنکي سزا! ڏوهه هُن ڪيو، پر دنيا جي نظر ۾ بي آبرو توکي به ٿيڻو پيو. بي، مروت دنيا نه تنهنجي علميت سڃاتي، نه تنهنجي خاندان جو ڪو لحاظ رکيو. [خيال.

۾، ذرو هيڏانهن هوڏانهن اڇي وڃي] نہ امي، تون بيڏوهہ، تنهنجون واهون سپ بند، تنهنجي لاءِ ٻيو چارو هوئي ڪونہ. دنيا جيڪا تو سان عقوبت ڪئي، دنيا جي بي درديءَ جنهن ابالي حال ۾ توکي آندو، اُنهيءَ جو ويچار ڳڻيدي، تو تي الزام ذري نٿو سگهجي. تو جيڪي بہ ڪيو، اُنهيءَ لاءِ توکي ڏوهہ ڏيئي نٿو سگهجي. ٻارڙن جي پالنا تاننا خاطر، اهو هنئون تو پاڻ صدقي ڪري ڇڏيو. يارؤ! يارؤ! نہ ڙي، ٻريو مڙس ميان يار محمد! [ڪلي ٿو.]

بتول: لطيف، نشي جي خمار ۾ الهجي چئين چا پيو.

لطيف: [يڪدم ڦري، ڏانهس نهاري] امي، هيءُ نشي جو خمار ناهي، ۽ دل جو بخار آهي؛ دنيا جي بي انصافي هلت تي ڏکويل دل جي ٿنڪار آهي. حيف هجن بي عدل انساني انصاف کي!

بتول: لطيف، هوش ڌار!

لطيف: [ڏاڍيان] هوش! هوش دنيا ڌاري. اسين آزاريل بيهوشيءَ ۾ ئي بهتر — ۽ شال اول کا بيهوشي حاصل ٿئي! امي، اسين مفلس، نماڻا انسان، جو تہ

هوش ۾ آهيون، انهيءَ سورنءُ ئي، اهو ساڳيو هوش اسانکي پيانڪ قياسي روپ ڏيکاري، وحشي بنايو ڇڏي. ڏس، آبرودار دنيا منهنجو ڪهڙو حال ڪيو آهي! لڪيل، پڙهيل، بندر تي سارو ڏينهن حيوانن جيان بار ڪڻان، تڏهن مس بارهن آنا ڄڙن. سو به ۾ ڏينهن سانده روز ملي ته ماني ٽڪر به نصيب، نه ته ڏينهن جا ڏينهن بکون ۽ فاقا. يا نصيب!

بتول: پر تون پاڻيهي تو ائين ڪرين. آءُ ته توکي گهڻوئي چوان ته وري اچي هوٽل جو ڪم سنڀال. هتي بيو نه، ته ماني مانيءَ تي ٽڪي ته ڪائيندين.

لطيف: ڇن معلوميت ڪانپوءِ به وري هتي اچي رهان؟ هان، ڪنهنجي گهر رهان؟ پنهنجي ماءُ جي— [زبان روڪي تو.] ڪنهنجي هوٽل جو ڪم سنڀاليان؟ هوُ لڦنگو، سفيد پوش، بد چال، جنهنکان بلڪ شهر جا بدمعاش به — [منهن ڦيرائي تو ڇڏي]

رفيق: [اڏو گابرو اُٿي] هان! [وري ويهي تو رهي.]

بتول: لطيف، لطيف، — [ڏانهس هٿ ٻ گهيڙي تي.]

لطيف: نه، امي، آءٌ سچ ٿو چوان. ياروءَ جو سِير پار آءٌ سڀ ٿو ڄاڻان. توکي به سندس شيطانيت جي اينتري سڌ ڪا نه هوندي. پر چڱو جو اهو ذڪر نڪتو. ٻڌ، هنئر به آءٌ انهيءَ لاءِ آيو آهيان. [ڏاڍهس وڏي، بلڪل منت سان] امي، آءٌ توکي روز ٿو زور ڀڏان ته هن جهنم کان نڪري ٻاهر ٿيءُ. ڏهه سال تو هتي ڪاٽيا، اُهيئي گهڻا ٿيا. هاڻ منهنجي منت مڃ. مونسان گڏجي هل. هي گهر، هي شهر ڪئن ٻــه ڇڏ. ٻئي ڪنهن هنڌ پني به ڪاٽيندا سين، پيٽ کي پٿيون ٻڌي دم ڪاٽيندا سين؛ پر هن حرام جي گذران کان ته ڇٽندا سين. اسين ٻار هواسين، نادان هواسين، لاچار هواسين، اُنهيءَ دکه جي زماني ۾ تو جيڪي ڪيو، اُنهيءَ جو ڏوهه تو تي ڪونهي. پر هاڻ، تنهنجي هلت منهنجي سمجهه ۾ نٿي اچي. [نرمائيءَ سان] امي، امي، ٻڌاءِ، مونسان هلندينءَ؟

بتول: [ترسي] مونکي رڳو تنهنجيءَ ۽ پنهنجيءَ جند جوئي اونو هو ته ڪر —؛ پر مونکي وڏو ويچار ويچاريءَ —

لطيف: — شمسيءَ جو ٿو ٿئي. [کلي ٿو.] خوبصورت آهي! نندي نيٽي اڻ پرٽيل آهي! ڪيڏانهن هلي

ڏڪا جهليندي! ائين نہ؟ آءٌ شرابي، بي اعتباريو، نہ گهر نہ ٽڙ، پنهنجي سنڀال ئي نٿو ڪري سگهان، سو پين جي ڪئن ڪندس؟ برابر؟— پر تون پاڻ چئو، امي، تون پاڻ ساڪ پر، تہ شمسي پاڻ پسند ڪري ٿي تہ هتي رهان؟ ائين ڪينهي تہ تنهنجي خاطر ئي پاڻُ وساري، گهڻڪا ڪائي، هتي پيٺي گذارو ڪري؟ سڪول پر رهڻ جي جاء ٿي ڏنائونس، اُها بہ ڪين قبوليائين.

بتول: هان! مونکي تہ خبر بہ ڪانهي.

لطيف: توکي وري بڌائي ڪنھن؟ مونکي بہ اوچتو احسان وٽان خبر ملي.

بتول: [خيال پر] شمسيءَ جي دل کي آءٌ سمجهي نٿي سگهان.

لطيف: پر امي، آءٌ انهيءَ کي ڪجهہ سمجهانٿو؛ ۽ احسان اڃا بہ انهيءَ کي وڌيڪ ٿو سمجهي. شمسيءَ کي نہ فقط دل آهي، پر دماغ بہ.

بتول: هائو، آءٌ ڏسان ويٺي تہ ڏينهون ڏينهن خيال سندس پڪا ٿيندا وڃن.

لطيف: خير، جيڪي ٿيو سو ٿيو. هاڻ قسمت وري وارُ ڪيو آهي. ڏس — [ڪيسي مان رپيا ڪڍي

ڪڙڪائي ٿو.]

بتول: [دٻ ۾] هيترا پئسا تو ڪٿان آندا؟ ڪمائين ته ٻارهن آنا روز. چا — چا — چوري —

لطيف: چوري! [کلي کلي اوندو ٿو ٿئي] چوري! اڙي چوري ته منهنجي سڳي ٻاٻي به ڪئي هئي! [بتول جي از حد غمگين شڪل ڏسي، يڪدم ڪل کي روڪي ٿو.] نه، امي، دٻ نه ڪر؛ اڃا انهيءَ حد تي ڪونه پهتو آهيان. نه.

بتول: ته پوءِ هي پئسا تو ڪٿان آندا؟

لطيف: امي، اهو وقت هاڻ پري ڪونهي جو اسين به دنيا جي منهن ۾ ائين ٿڪينداسين جئن دنيا هيترا سال اسانجي منهن ۾ ٿوڪيو آهي. پر اڄ مونکي رنگون ۾ نوڪري ملي آهي.

بتول: ڪهڙي نوڪري؟

لطيف: ڪُولين جو جمعدار! [مُشڪي] خير. اهو به لاٿو ڪونهي. هيءُ اٿيئي منهنجو مهني جو پگهار، اڳواٽ. [تڪڙو] امي، هاڻي هل ته جهٽ هتان نڪري هلون. هن خبيث جو مُنهن وري ڪين ڏسنداسين. شمسي ڪٿي؟

بتول: اڇا موتي ڪانهي. [اتي اندران گهڙيال ير ست ٿا لڳن. بتول ڪن ڏيئي ٻڌاءِ ٻڌي ٿي.] ست لڳا. لطيف، هنئر تون هنان هليو وڃ. متان فساد نه ٿي پوي.

لطيف: ڇا يارو—؟ پر امي— [ڏانهس نهاري ٿو.]

بتول: هائو، هائو، رات جو دڪان بند ٿئي أنهيءَ وقت اچجئين ته پوءِ ڳالهيون ڪنداسين. شمسي به هوندي.

لطيف: يارو نه هرندو ڇا؟

بتول: نه، سنگتي کو ٻاهران آيو اٿس، اُنهيءَ کي وٺي ويندو شهر گهمائڻ. لطيف، جلد ٿي، ماني کائڻ جي مهل ٿي اٿن. [ڪيس ڌوڪي پري ٿي ڪري.]

لطيف: چڱو امي، پر ياد رکجئين.

بتول: هائو، هائو، [سڏي] لطيف، تون نشو ڙري متان وٺين.

لطيف: [پنيروئي] چڱو، امي. [نڪري ٿو وڃي.]

[بتول پٺ ير ڪري پيل ٿانو ڪٽي، اندر ٿي وڃي، ته ٻاهران ڪلڻ ءِ ڳالهائڻ جو آواز ٿو اچي.]

رفيق: [گهٽي عجب ۾] عجب ماجرا! اهڙا ته سڀ پورا ڏنائين!

[يارو ۽ رمزو ٻاهران ڪلندا اچن. ياروءَ کي شلوار، پٽڪو ۽ ننڍو ڪوٽ پيل آهي؛ ٿلهو قداور مڙس آهي. رمزوءَ کي ٻگهو ڪوٽ، ٿاءِ ڪالر، ترڪي ٽوپي ۽ عينڪ پيل، عمر اٽڪل چاليهه سال؛ حرفتي نظر ٿو اچي.]

رمزو: [ٻاهرائي ڪلندي] واهه يارو، نيٺ هارائي وڌءِ.

يارو: [در وٽائي] پرواهه ناهي، رمزو سيٺ: ”سر سلامت، ته پڳڙيان بهت!“ [اندر اچي] اڄ هيڏانهن ٿي ويهه ته اُسات لاهيون. [وڏي ميز ڏانهن وڃن ٿا؛ رمزو بينچ تي ٿو ويهي ۽ يارو بيٺو آهي. پٽڪو لاهي ميز تي ٿو رکي.] تو ٻه. آءٌ ته ٽڪجي پيس. صبر، آءٌ گلاس ڪڍي اچان. [گهوڙي تي گلاس نه ڏسي، اندرئين در وٽ وڃي سڏي ٿو.] ڙي ڪو آهي؟— [رمزوءَ کي] رمزو سيٺ، تو لاءِ ڇا آڻيان؟ [بتول در وٽ اچي ٿي، ٺهڪي] ٻه گلاس ته ڪڍي آءُ. [بتول اندر وڃي ٿي، ٺهڪي وري سڏي] شمسي ڪٿي؟

بتول: اڃا سڪول مان موٽي ڪانهي. [وڃيٿي]

[يارو الماريءَ تان سوڊا لمليمٽ جون ٻاٽليون
کڻي ٿو ته ٻتول گلاس کڻي موٽي ٿي.]

يارو: [ٻتول کي] بس، گلاس هٽي رک. [ٻتول گلاس
رکي ويهي ٿي.] هاڻ چئو، رمزو سيٺ، سوڊا يا لمليمٽ؟—
[يارو ٺالا وڄندو وڃي ٿو ۽ رمزو ناڪار جو ڪنڌ ڌوڻيندو
وڃي] تڏهن؟

رمزو: يارو، چئو، پيو ڪجهه ناهي ڪئن؟
ڪو—

يارو: [ڏانهس هٿ کڻي] مسلمان جي گهر ۾؟
واه رمزو سيٺ!

رمزو: [ڪنڌ ڌوڻي، کلي] هون! دنيا کي
تو نڳين!

يارو: بابا، ڏنڍي ڌاريءَ جو مطلب ئي آهي
دنيا کي نڳڻ! [۽ ٻاٽليون کڻي، گلاس ۽ ٻاٽليون آڻي
ميز تي رکي ٿو.]

رمزو: چڱو، ۾ ڏون پنج؟

يارو: نه ڙي! پنج، پنجان سؤ! [کلن ٿا. يارو
سامهون بينچ تي ويهي ٻاٽليون کولي ٿو.]

رمزو: پر اڄ ته تنهنجو ڪوڙوئي اصل اُبتو لڳو.

پنج پنجان پندرهن!

يارو: [ٻاٿليءَ تان هٿ کڻي] سو ڪئن؟

رمزو: يارو، مون سمجهيو هو ته تون اڃا به اهڙوئي چالاڪ شڪاري هوندين جهڙو اڳي هئين. پر اڄ هيڏو سولو شڪار هٿ مان وڃايو اٿيئي—

يارو: [ٻاٿلي ڪوليندي] بابا، ائين ته ٿئي پيو. آخر ته شڪاري ٻچائي ڪڏهن ڪڏهن شڪار وڃائيندا! [گلاس پري] پر رمزو سيٺ، ڏهه سال تون اصلي واءِ چو تي وئين؟ پُراڻن دوستن سان به ائين!

رمزو: يارو، تون به ظلم ٿو ڪرين! مونکي ڪهڙيءَ ڪُتيءَ ڪنيو هو جو هُن حادثي ڪانپوءِ هن شهر ۾ وينو ڪنهنکي به منهن ڏيکاريان؟

يارو: پر هُن ڪم ۾ هٿ نه وجهين ها ته تون اڄ شاهوڪار به نه هجين ها.

رمزو: سچ آهي. اُنهيءَ وقت اُءَ رڳو مزور ماٺهو هوس. پر يار، آفرين آهي تنهنجي چالاڪيءَ کي—

يارو: هائو، ءَ تنهنجي هٿ جي صفائيءَ کي به—

رمزو: برابر، جو ٻئي هاڻ مڇيءَ مانيءَ وارا اچي

تيا آهيون. [ نئڙي، آهستو ] پر يارؤ، اسانجي هن
ڪار نامي جو هتي ڪنهنکي شڪ تہ ڪونہ پيو آهي؟

يارو: [ڪلي] نہ ڙي! شڪ وري ڪنهنکي
پوندو؟ پوليس وارا تہ بٽسي جا پٽ، باقي ٻئي
ڪنهنکي ڇا مجال، جو اسانپر شڪ آڻي؟ ڪو سس
پس ڪري سهين — [نڙيءَ کي گهٽڻ ۽ نڙيءَ تي ڪاتيءَ
قيرائڻ جا اشارا تو ڪري ۽ ڪلي ٿو] سمجهيئي؟ [ٻئي
ٽهڪ ڏيئي کلن ٿا ۽ لمليت پئن ٿا.]

[ يارو نظر قيرائي ٿو تہ اڪ رفيق تي ٿي پئيس،
جو پنيرو ويٺو آهي. اُٿي، آهستو آهستو
سندس ميز ڏانهن وڌي ٿو ۽ ميز تي ڪوپ
پيل ڏسي ٿو.]

يارو: [رفيق کي] شايد ديرڪان وينا آهيو؟ چونہ
هلي مٿي ويهو؟

رفيق: ڪمزوريءَ سبب ڏاڪڻ چڙهي نٿي ٿئي.
اِتيئي آرامي آهيان.

يارو: اوهانجي مرضي. پيو ڪجهہ کپي؟

رفيق: هائو: سوڊا.

يارو: حاضر. [سوڊا جي باٽلي گهوڙي تان

ڪٽي، ڪڙلي، رفيق جي ميز تي رکي، موٽي رمزوءَ ڏانهن ٿو وڃي.]

رمزو: [آهستي] ڪير آهي؟

يارو: ڪو گراهڪ آهي. سوڊا ٿو پڇي.

[يارو ويهي ٿو ته ٻاهرين در مان شمسي اچي ٿي. اٽڪل ويهن ورهين جي نينگر آهي. سوٽي ساڙهي پيل اٿس، ۽ هٿ ۾ ڪتاب اٿس. اندرئين ڪمري ڏانهن وڃي ٿي ته يارو سڏيس ٿو.]

يارو: [سڏي] شمسي. [شمسي منهن ورائي قدم ۾ ويجهو اچي ٿي.] بابا، اڄ دير سان موٽي آهين؟

شمسي: هائو، سڪول مان اڄ دير سان موڪل ملي. ماسترياڻين جي ميٽنگ هئي.

يارو: چڱو، بابا فڪر ناهي. وڃي آرامي ٿي. احسان سويرو ڪي ڪتاب وٺڻ آيو هو. مون چيو مانس ته وري رات جو اچجئين.

[شمسي رفيق جي ڪرسيءَ وٽان الٽت نزديڪ لنگهي اندر ٿي وڃي. رفيق ڏانهس نهاري، اڌ اُٿي ٿو بيهي.]

رفيق: صبر، صبر، اي بي صبر دل، ذرو صبر!

ڀِڙ ين خاطري ڪري ٻوءِ — [ويهي ٿو رهي.]

رمزو: يارُو هيءُ ٻار ڪنهنجو؟

يارو: [کلي] تون ڇا ٿو ڀانئين؟ مون جهڙي شيديءَ جو! نه ڙي! رمزُو سڀ اهو ٻار، منهنجيءَ — منهنجيءَ گهرواريءَ جو آهي.

رمزو: تنهنجيءَ گهرواريءَ جو، ۽ تنهنجو نه! ڇا "ست سنان سؤ ست"؟

يارو: نه، "ست سنان سؤ ستونڃاه" ۽ مُنو مٿي وري رُنگ جو!

رمزو: پر مونسان ته تو ڳالهه ئي ڪانه ڪئي ته تون ڪو پرڻيل به آهين.

يارو: پرڻيل! پرڻيو آ ۽ ڪڏهن آهيان؟ منهنجو ته مائيءَ سان — بندوبست آهي.

رمزو: بندوبست! [کلي] ڇا مفت؟

يارو: نه ڙي! مفت ته پٽ به پيءُ جو نٿو ٿئي.

رمزو: پلا؟

يارو: مائي به نه رڳو وڏ گهراڻي آهي، پر لکي پڙهي به جاڻي!

رمزو: [عجب مان] ٻوءِ ڪُتيءَ ڪهڙي ڪنيس جو تو

جهڙي جي وَرِ چڙهي؟ ڪو مت مائٽ ڪو نهيس ڇا؟ ۽ هيءَ ڏيءَ تو مان ناهي ته ڪنهنمان آهي؟ مڙس مري ويو اٿس ڪڏهن؟

يارو: آهستي، رمزُو سيٺ، آهستي. سوال سوال جو جواب وٺ. مت مائٽ جي نالي ڪان ته ائين ٿي پڇي جڻ گدڙ پڇي باهه ڪان. ۽ بار به اٿس، هڪ پٽ، ٻي —

رمزو: — ڌيءَ!

يارو: ۽ مڙس به مري ڪونه ويو اٿس، پر مئي ڪان به بدحال پيو آهي!

رمزو: سو ڪيئن؟

يارو: هو ته خانداني آبرو وارو، پر الهجي کهڙي مت آيس، جو اونڌو ڪم ڪري وينو، ۽ هنئر جيل جون پيو هوائون کائي.

رمزو: پر توکي مائي هٿ ڪيئن چڙهي؟

يارو: پهرين منهنجي نظر مٿس ڪورٽ ۾ پيئي، جڏهن مڙسس تي ڪيس پئي هليو. سندس ناهه ٺوهه ڏسي، منهنجي دل ترڪي ويئي. پر هوءَ مون جهڙي ڏانهن اک به ڇو ٿي کڻي نهاري!

رمزو: پوءِ؟

يارو: انهيءَ ڪيس واري وقت ڪانپوءِ مائيءَ کي ٽي چار سال وري مون ڪين ڏٺو. ڪنهن وقت، هتي ويجهڙائيءَ ۾، هڪڙي ننڍڙيءَ غريباڻيءَ جاءِ منجهه، هيءَ مائي ٻارن سميت اچي رهڻ لڳي. انهيءَ ٽاڻي وري منهنجي مٿس اک چڙهي.

رمزو: هان! ڀلا هوڙا حال سندس ڪٿن ٿيا؟

يارو: مونکي به خبر پوءِ پيئي. مڙسس کي سزا مليءِ، انهي ڪانپوءِ، بدن سندس جُهري پيو. انهيءَ وقت شهر جي اجا مٿئين پاسي ٿي رهيءِ. پر ٻاڻ اجا ڪجهه چاڪ ٿي، ته اچي پٽس بيمار پيو. پٽس پيوئي هو، ته ڏيٽس بنهه مرڻ جي ڪنڌيءَ کي اچي رسي.

رمزو: هان!

يارو: داختر ن چيس ته شهر ڇڏي هليو وڃ، پر اها ڳالهه هن نه ڦيولي، جو گهر وارو سندس هتي جي جيل ۾ بانڌ هو

رمزو: ڀلا هيتري مدت گذران ڪٿن ٿي ڪيائين؟

يارو: مت مائت، ويجهو ڀرانهون، شهر ۾ هوس ٿي

ڪونہ، نقدي بہ وٽس گهڻي ڪانہ هئي؛ پر اها رهي
ڪهي بہ خرچي رهي، تہ باقي ٻچيس ڳهہ ڳنا. اُهي بہ
ٻن چئن ورهين ۾ پيٽ ڦوٽ ٻلي ڪپائي ڇڏيائين.

رمزو: آخر؟

يارو: نيٺ اهڙو حال اچي ٿيس، جو ٻار ٻڪ
مرڻ لڳس.

رمزو: هان؟

يارو: ها. مونکي نہ وجهہ تڏهن مليو. چئي
ٿيو، هڪڙي ڏينهن آءٌ لنگهي ويس وٽس. چيومانس
جي مونسان بندوبست ڪري منهنجي گهر اچي
رهين، تہ ٻارن جي پالڻ جو بار منهنجي مٿي.

رمزو: پوءِ؟

يارو: اوڏيءَ مهل تہ ٽپي ٽپي لوهہ ٿي ويئي؛
مور ڳو منهن ۾ ٿي ڪٽي مونکي دڙڪا ڏنائين.

رمزو: مار! پوءِ.

يارو: ويچاريءَ نوڪريءَ لاءِ ڏاڍا اُدم ڪيا،
پر سيبي جي ڪم ڪانسواءِ ٻيو ڪم ڪيس ملي نہ سگهيو.
مون بہ چيو ڏسان تہ هاڻ ڇا ٿي ڪري. جاتم ٿي تہ
مڙس مائيءَ جو جٽرو، ڪنهسان نڪاح تہ هونءَ بہ ڪانہ

وجهندي. خير، ڳالهه کي مهنو اڌ تي ويو. اِنهيءَ وقت مائي هتي ويجهڙائيءَ ۾ هڪ سستي جاءِ ۾ تي رهي.

زمزو: پلا!

يارو: هڪڙيءَ رات منهنجي در تي کڙڪو ٿيو. درکوليم ته مائي بيٺي آهي. تپ جان تي اينرو هوس، جو بيهي مس ٿي سگهي. همٿ ڪانوني مون ڪيس اندر ڪيو.

زمزو: پوءِ؟

يارو: اندر پير ڌرڻ سان چيائين تنهنجي آڇ قبول، پر شرط هڪڙو.

زمزو: ڪهڙو؟

يارو: ڇي تون نه فقط ٻارڙن کي پالي وڏو ڪندين، پر سندن پڙهائڻ جو به خرچ پريندين. مونکان اِهو به وعدو ورتائين ته آءُ ظاهر ڪندس ته پاڻ منهنجي نڪاح ٻڌي زال آهي، ۽ ٻارن کي به ڪين ٻڌائيندس ته سندن پيءُ ڪير.

زمزو: پوءِ؟

يارو: مون ته ڳالهه ڪٽي قبول ڪئي.

زمزو: واه يارو! حرفت ته واه جي لڙائيئي.

يارو: بابا، ”سانووجهه تہ دوتر نکري!“

رمزو: پـــلا مائيءَ جو پُٽ ڪٿي؟

يارو: پٽ! انهيءَ ۾ مـــون خطا کاڌي. ڪمبخت هڪڙي ڏينهن اچي منهنجي سامهون پيو. مون مار تہ ڏني مانس، پر جوش ۾ اهو بہ بڌايو مانس تہ پٽس ماڻس ڪير آهن.

رمزو: سچ! پوءِ؟

يارو: جوان گهر ڇڏي هليو ويو. وري منهنجي منهن ڪين چڙهيو آهي. انهيءَ جي تہ پرواه ڪانهي؛ پر ڇوڪريءَ کي بہ خبر پئجي ويئي. سچ ڪري پڇين تہ هوءَ سڪول واري نوڪري بہ تڏهن وڃي ڪيائين.

رمزو: يارو تون بيشڪ اُستاد آهين. رمزوءَ کي بہ رمزون سيکارڻ وارو آهين.

يارو: اُستاد سڳوري جي دعا سان اِها هڪ اڌ رمز ياد اٿم تہ پن مان چارڪڻ ڪجن. اُنهيءَ جي برڪت سان پيٽ پيو پارجي. بس، شڪر آهي!

رفيق: [پاڻمهاڙو] هي بہ الله جا اُپايل اِنسان ڏا ليکجن!

[اتي مٿان هوٽل مان طبلي کي سُر ۾ آڻڻ جو
جهڪو آواز ۽ هارمونيم جو سُر ٻڌڻ ۾ تو اچي.]

يارو: [آواز ٻڌي] واه! موالي به اچي ويا.

رمزو: موالي؟

يارو: نه ڙي! [کاڻي] روز رات مزور هوٽل ۾ محفل مچائي ويهندا آهن. غل ته هلي راڳ ٻڌون. مانيءَ جو باٽيهي سڏ تيندو. [اُٿن ٿا. يارو در وٽ وڏي واڪي سان] شمسي، ڏيءَ، ماني تيار ٿئي ته مٿي ننڍي ڪمري ۾ ڪٽي اچج. اسانکي هوٽل واري وڏي ڪمري مان سڏي ونج. [ڳالهائيندا ڏاڪڻ واري پاسي کان نڪري ٿا وڃن.]

[مٿي راڳ شروع تو ٿئي. هن باب جي باقي
حصي تائين ذري ذري ڳائڻ جو يا فقط هارمونيم
۽ طبلي جو جهڪو آواز ٻڌڻ ۾ پيو اچي.]

رفيق: [ڪين ويندو ڏسي] هاڻي ڇا ڪجي؟
اهڃاڻ ته سڀ برابر آهن. پر پڪ —

[اتي احسان ٻاهران اچي تو. ڊگهو ڪارو
ڪوٽ ۽ سفيد پتلون پيل اٿس. اٽڪل
پنجويهين ورهيين جو جوان آهي. هٿ ۾

كتاب اٿس. هيڏانهن هوڏانهن نهاري، اندرئين دروازي مان ليٽو پائي، موتي وڃڻ تي آهي، ته اندران بتول جي نظر مٿس پوي ٿي؛ سا سڏيس ٿي.]

بتول: [اندران] احسان، ترسجئين. [احسان ترسي ٿو، ته بتول اچي ٿي. همت اٿي پر پريل اٿس.] ڪٿان، احسان، اج سوير ڪين آئين؟

احسان: سڪول پر دير ٿي ويئي؛ شمسيءَ لاءِ هي ڪتاب آندا اٿم.

بتول: بيهه ته سڏي ونانس. منهنجا همت—

احسان: مونکي اوهانسان ڳالهه ڪرڻي آهي. [ڪنڌ هيٺ ٿو ڪري.]

بتول: مونسان؟ چؤ احسان.

احسان: [ڪنڌ هيٺ ٿي] منهنجا — منهنجا— منهنجن مائٽن جي گذر ڪري وڃڻ پڄاڻان بيو ڪو اهڙو سجهيم ئي ڪونه جنهنکي ڪري اوهان ڏانهن موڪليان؛ سواءِ ورهين ڪانپوءِ پاڻ پر جرات ساري اوهانکي سوال ٿو ڪريان.

بتول: چؤ بابا، دل کولي ڳالهه ڪر. تون نه رڳو

اسانجي مرحوم پاڙيسريءَ جو اولاد آهين، پر ڏهن
ورهين لاڪون منهنجي لطيف ۽ شمسيءَ جو سڄڻ
سنگتي به آهين. شمسيءَ کي سڪول ۾ نوڪري به تہ تو
وٺي ڏني. احسان، تنهنجا اسانتي وڏائي احسان آهن.
اهڙو ڪو منهنجي ڪرڻ جوڳو ڪم هجي تہ بيحجاب
چئي ڏي.

احسان: [هٻڪي] اڄ مونکي هيڊ ماستري ملي
آهي.

بتول: [خوش ٿي] سچ! تڏهن .تہ مبارڪون
هجنئي!

احسان: خير مبارڪ. [ترسي] اوهين بي ادبي
نہ سمجهو، تہ هاڻي آءٌ شمسيءَ جي ٻانهن جي گُهر
ڪريان.

بتول: [ڪو وقت خيال ۾ پئجي] نہ، نہ— مونکي
تہ انهيءَ ۾ ڪو بہ اعتراض ڪونهي. [نزديڪ اچي]
باقي احسان، آءٌ جيڪر چاهيان تہ تون پنهنجو دل
من پڇي، پوءِ هيءُ قدم کڻين. آءٌ پنهنجي ورهين جي
آزمودي مان سمجهائتي تہ سک هرويرو شادي ڪيل
زندگيءَ ۾ ڪين اچي موڙهو آهي. شاديءَ جو ٻُنت

ٻَچيءَ ۾ وجهي، پاڻکي آهي ساري ڄمار پابند ڪرڻو. [احسان ماڻ ڪيو بيٺو ٻڌي. بتول ترسي، خيال سان.] آءٌ پاڻکي خوش نصيب تي سمجهان جو تو جهڙو منهنجي شمسيءَ لاءِ گُهر تو ڪري، پر آءٌ ها ڪريان انهيءَ ڪان اڳي، سندس دل جي خبر به هوڻ گهرجي. [ڏانهس نهاري] توکي ضرور عجب لڳندو، ته آءٌ پراڻي زماني جي پوڙهي زال، هي چوان ٿا پيئي. پر توکي ايتري ته خبر آهي ته آءٌ پڙهيل لکيل آهيان. زماني جي گردش نه گهڻيائي ڏني اٿم. تقدير ۾ ائين هو ته پنهنجي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو سبق تجربي جي مڪتب ۾ سکان. بابا، توکي خبر ناهي ته اهو سبق ڪهڙا ڏک ڏاڍهرا ڏسي مون حاصل ڪيو. خير، تقدير سان ڪا تدبير! [ذرو ماڻ. جڻن اڳئين وقت جي يادگيري پوندي وڃيس، تڻن سندس آواز اڙائتو ٿيندو وڃي.] بابا، شڪل ڏسي مٺان پُلجين؛ مٺان اهڙي خطا ڪائين جهڙي قسمت مونکي ڪارائي. مٺان تنهنجا رفيق ۽ غمخوار به وقت پئي بيءَ طرح جا نڪري پون! [اکر مان همت جي پنيءَ سان لڙڪ ٿي اُگهي.]

احسان: مون اوهانجو مطلب برابر سمجهيو ئي ڪونه؛ پر جئين چئو تيئن ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

بتول: [خيال ڪري] ڏس بابا، تون لکيل پڙهيل هوش وارو سمجهو ٻار آهين. تنهنجي غير تمنديءَ ۾ مونکي پورو ڀروسو آهي. منهنجي شمسي به نئين زماني جي نينگر آهي. پڙهيل لکيل آهي؛ اجاڻ ڪانهي. ڪيس پنهنجا خيال آهن. تنهن ۾ آءٌ چاهيان ته اِها ڳالهه تون پاڻ ڪانئس پڇ. حياتيءَ ۾ مون ايترا ڏکـ ڏٺا آهن، جو ٻئي جي دل جي جوابداري پاڻ تي کڻڻ نٿي گهران.

احسان: [عجب ۾] پر خلق —

بتول: خلق! خلق جي راءِ تي هلڻو، انهيءَ جي معني اِها ڪانهي ته هرو ڀرو سچائيءَ ۽ ڀلائي جو رستو اختيار ڪرڻو. آزمودو ته انسان کي ائين ٿو سيکاري ته خلق اڪثري عقل هوندي به اجاڻ، اکين هوندي به انڌي. نه احسان، خلق جي خواريءَ کان آءٌ هاڻ نٿي ڊڄان. شايد ٻيون مائر ائين نه ڪن؛ پر جنهن ماءُ کي حياتيءَ جو مون جهڙو آزمودو، اُها هيءُ ئي رستو اختيار ڪندي. آءٌ چاڻان تي ته لوڪ لڄ به ڪا چيز آهي؛ پر اُنهيءَ جي پيٺ ۾ سچائيءَ ۽

ٻار جي زندگيءَ جي آسودگي سرس تر آهي.

احسان : جيڪا اوهانجي مرضي.

بتول : هائو، هنئر اڪيلائي آهي. تون ترس تہ ڪيس هيڏانهن موڪلي ڏيان. دل ڪولي ڳاٺ ۾ ڳالهہ ڪجو. [وڃي موٽي ٿي] پر ياد رکجئين احسان، اوهان ٻن جي وچ ۾ ڇا بہ وهي واپري، اوهين ڪهڙي بہ فيصلي تي اچو، پر هر حال ۾ اسين تنهنجا مرندي دم تائين شڪر گذار رهندا ايندا سين. تنهنجا مائٽ گذاري ويا، تو مونکي پنهنجو مائٽ ڪري سمجهيو. [احسان جي دل ڀرجي ٿي اچي. بتول وڃيٿي.]

[مٿان ساز جو جهڪو آواز پيو اچي. احسان خيال ۾ آهي ۽ مٿو هٿن ۾ جهلي اورئين بينچ تي ويهي ٿو رهي. شمسي اندر اچي ڏرو ترسي ٿي.]

شمسي : [ترسي.] احسان، ڪهڙي خيال ۾ آهين؟

احسان : [ڇرڪ ڀري] نـــہ، مون — مون — تہ فقط هيءَ سريلو آواز ڪن ڏيئي پئي ٻڌو. ساز جو بہ اثر عجب ٿو ٿئي.

شمسي : [کنڌ جهڪائي] هائو، احسان.

احسان : شمسي لئبرريءَ مان تنهنجي لاءِ هي ڪتاب آندا اٿم؛ [شمسي ڪتاب وٺڻ لاءِ هٿ ڊگهيري ٿي.] ۽ شمسي —

شمسي : هائو، احسان.

احسان : توکي ڪي چوڻو اٿم. [شمسي ماٺ ڪيو بيٺي آهي.] چا، توکي ٻڌايائين ڪين؟

شمسي : ڪنهن؟ اميءَ؟ نه.

احسان : شمسي آءٌ — آءٌ چاهيان ٿو ته اسين ٻئي هڪ ٻئي جا ڏک سک ۾ ساٿي ۽ دمساز ٿي رهون.

شمسي : احسان!

احسان : [سندس هٿ ڪانوني] سچ شمسي — ساري عمر لاءِ.

شمسي : [نرمائيءَ سان هٿ ڇڏائي ۽ پاڻ سنڀالي] تنهنجي — مهرباني. پر ائين ٿي نٿو سگهي.

احسان : چو شمسي؟

شمسي : [منهن ڦيرائي ذرو ترسي ٿي، پوءِ ڏکيائيءَ سان چوي ٿي] احسان، مونکي پنهنجو فرض ڪرڻ ڏي.

احسان: فرض؟ مون نه سمجهيو.

شمسي [ڏڪي] احسان، مونتي ڀروسو حق، منهنجي اميءَ جو آهي. توکي اسانجي ساري قصي جي خبر ڪانهي. جيڪڏهن خبر هجيئي ته هوند — [روئڻ روڪي پنهنجي چَپَ ۾ چَڪُ ٿي پائي.]

احسان: شمسي، منهنجو ٻـــ تـــ ٻيو ڪوئي ڪونهي — توکانسواءِ. اڄ هيڊ ماستريءَ جو حڪم مليو آهي. ٻئي مهني کان انهيءَ عهدي تي چڙهندس؛ تنهن ۾ جيڪي به منهنجو سو تنهنجو؛ ۽ جيڪي به اسان ٻنهي جو سو تنهنجي اميءَ هو. ضروري ڪونهي جو آءٌ تنهنجي بابت يا تنهنجي اميءَ جي اڳين زندگيءَ بابت ڪي ٻڌان. تنهنجي اميءَ کي آءٌ شير دل، ڪشاده خيال، زمانه ديده زال ڪري ٿو سمجهان، ۽ توکي هڪ فرشته صفت، نيڪ سيرت نينگرِ. اوهان جي حق ۾ آءٌ اِهو خيال رکان، منهنجي لاءِ اِهوئي ڪافي آهي. [ترسي.] شمسي، ڪئن، منهنجي خدمت قبول آهي؟

شمسي: [مشڪلات سان پاڻ سنڀالي] احسان، هڙي عزت ڀريءَ آڇ لاءِ آءٌ تنهنجي شڪر گذار آهيان.

خدا شاهد آهي، آءٌ جي پنهنجيءَ دل تي هلندي هجان ته تنهنجي غلام تي رهڻ به پاڻ لاءِ غنيمت سمجهان. پـــر ـــ پـــر ـــ آءٌ لاچار آهيان. اِهو ـــ اِهو ـــ خود منهنجو فهم آهي، جو قياسي شڪليون ڏيکاري ناڪار ڪرڻ لاءِ مونکي مجبور ٿو ڪري.

احسان : سو ڪئن؟

شمشي : احسان، انسانيت انهيءَ ۾ سمايل آهي ته دنيا جي آزمودي کي ڌيان ۾ رکي، پنهنجي هوش عقل کان ڪم وٺجي. برابر؟

احسان : ضرور.

شمسي : ته منهنجي اميءَ جو آزمودو منهنجي لاءِ بس آهي. مونکي اوچتوئي خبر پيئي ته ويچاريءَ شادي ڪيل زندگيءَ ۾ ڇاڇا نه سٺو آهي. [کيس همت ڪانوئي.] معاف ڪجئين احسان، پر پاڻ ۾ اسانجي نسبت ٿئي، اِهو سراسر ناممڪن آهي ـــ خود تنهنجي خاطر.

احسان : هان!

شمسي : [ڪنڌ هيٺ ڪري] پهرين ته مرخي ڪانه هيم، پر تنهنجي مروت ۽ مهرباني ڏسي، توکي

ساري حقيقت ٻڌايانئي. احسان، اسانجي پاڻ ۾ نسبت تي نئي سگهي، ڇو جو مونوت ۽ منهنجي اميءَ وٽ اُها هڪڙي شيءِ آهيئي ڪانه، جنهنجي سهاري دنيا ۾ آبائتي مانائتي زندگي بسر ڪري سگهجي.

احسان ڇا، پئسو؟

شمسي: نه — عزت. آءٌ نه پنهنجن بزرگن جي ڪيل گناهن جي سزا ڀوڳيندي، بدناميءَ هيٺ اچي چڪي آهيان؛ پر نئي چاهيان ته تون به ڪو، مونسان سڱ ڳنڍي، منهنجي خاطر، دنيا جي طعنن جو شڪار ٿئين.

احسان: گناه؟ سزا؟ شمسي آءٌ تنهنجي ڳالهه سمجهانئي نئو.

شمسي: [منهن ڦيرائي] احسان، آءٌ يار محمد جي ڌيءَ ناهيان.

احسان: هان!

شمسي: ۽ نڪا منهنجي ماءُ يار محمد جي نڪاح ٻڌي زال آهي.

احسان: ڇا!

شمسي : احسان، منهنجو پيءُ خوني آهي، جو اڄ جنم ٽيپ جي سزا پيو ڀوڳي. مونکي ٻه اِها خبر ويجهڙائيءَ ۾ پيئي.

رفيق : [جوش ۾، پاڻمهاڙو] بس هاڻي پڪ ٿي.

احسان : شمسي، هي ڇا ٿي چوين؟

شمسي : سچ. انهيءَ سبب آءٌ تنهنجي مائٽي قبولي نٿي سگهان. منهنجي زندگي ته برباد ٿي چڪي؛ تنهنجي ڇو ٿئي؟

احسان : شمسي، جيڪڏهن فقط اِهو سبب آهي ته —

شمسي : نه — منهنجي امي، احسان. [ترسي] هائو، ٻيا سبب به آهن؛ پر اهي ڪنهن ٻئي وقت ٻڌائينديسئين. [احسان ڪنڌ هيٺ ڪيو بينو آهي. شمسي ذرو ترسي، ڏانهس نهاري، اڳتي وڌي، هٿ سندس ڪلهي تي رکي ٿي.] احسان، توکي ڏک ته ڪونه ٿو ٿئي؟ مون توکي نڪاح کان انڪار ڪيو؛ پر ڏکه سک ۾ آءٌ تنهنجي حال محرم ۽ همدم رهان انهيءَ کان مونکي عار نيٺ ڪونهي. اسين هڪ ٻئي کان پري رهي به، هڪ ٻئي جا غمگسار ٿي سگهونٿا.

احسان : شمسي، بهادر شمسي، مون اڄ ڏٺو ته

دلسوزي ڇا اُهي، انسانيت ڇا آهي. تنهنجي امي ءَ جي خاطر — مونکي قبول آهي، شمسي. آءُ توکي حال هن باري ۾ ڪجهه به نه چوندس، پر شرط هڪڙو.

شمسي: هائو، احسان؟

احسان: ته تون به مونکي ڏکـ سکـ ۾ پنهنجو حال محرم ڪري سمجهندين ءَ، ۽ پنهنجي دل جو بار ڪجهه مونکي به ڪڍڻ ڏيندين ءَ. [شمسي ڪيس همت ڏيئي، ڪنڌ جهڪائي تي ڇڏي. احسان ڏانهنس نهاري] پر آءُ نااُميد اڃا به نه آهيان. شايد — وقت پئي —

شمسي: [بلڪل آهستو، خيال ۾] هائو شايد. پر تيستائين اسين فقط هڪ ٻئي جا سچا رفيق ۽ دمساز ٿي رهنداسين. [احسان شمسيءَ کي ٻانهن کان ڇڪي ٿو؛ شمسي وڌي اڳيرو ٿي ٿئي.]

[مٿان گائڻ جو جهڪو دلسوز آواز پيو اچي. ٻئي وڌي ميز وٽ ٿا تين. احسان ميز کي پنا ڏيئي ٿو بيهي، ۽ شمسي پنهنجو مٿو سندس ڪلهي تي رکي بيٺي آهي. ٻئي پنهنجن ئي خيالن ۾ محو آهن؛ سندن چهرن مان روحانيت پيئي بکي.]

شمسي: [تمام آهستو] احسان!

احسان: هائو، شمسي!

شمسي: ساز جو ٻه آواز ڪٿن نه دل کي ڇڪي ٿو!

احسان: هائو، شمسي.

[راڳ مٺي پورو ٿو ٿئي. ڪن بلڪل ماٺ ٿي وڃي ٿي.]

شمسي: احسان!

احسان: هائو، شمسي!

شمسي: [ٿرسي] ڪلهه تو جيڪو ڪتاب مون کي ڏنو، اُنهيءَ ۾ مون هڪ غزل پڙهيو. اسانجي حال جي موافق آهي. ٻڌايانءِ؟

احسان: هائو شمسي.

[شمسي جهلي جهلي، سوز ڀري آواز ۾ ڳائيندي.
اُٿي نٿي، پر انهن ئي احسان جي ڪلهي تي ليٽيل آهي.]

شمسي: [جهلي جهلي، تمام آهستو]
دلبر ڪان ٻ جي پنهنجي، ديوانو هجي اهڙو!
چوگرد ڦري پنهنجي، پروانو هجي اهڙو!

آءُ دل کان پچان پنهنجي، ۽ دل تي پڇي ٿو ڪان،
بيگانو هجي اهــڙو، ويرانو هجي اهڙو!*

[ڪن ماٽ.]

احسان: [پهرين وانگر] شمسي!

شمسي: هائو، احسان!

احسان: باقي ٽڪرو آءُ ٻڌايانءِ؟

شمسي: هائو احسان.

[احسان ۾ اُٿڻ ڪانسواءِ، تمام آهستو، غزل جو باقي ٽڪر ڳائي ٿو.]

احسان: عالم کي خرابات آءُ سمجهان ٿو، فلڪ کي جام،
ميخانو هجي اهڙو، پيمانو هجي اهڙو!
جوهر جو رکي ذاتي، مفلس نه ٿئي ڪڏهين،
سو آهي غني، جنهن وٽ دُردانو هجي اهڙو!*
[ ٻئي گڏجي ].
چوگرد ڦري پنهنجي، پروانو هجي اهڙو!
دلبر کان ڌجي پنهنجي، ديوانو هجي اهڙو!

[ڪن ماٽ. احسان ۽ شمسي ائين ئي ويٺا آهن.]

---

* هي غزل مرحوم ميرزا قليچ بيگ صاحب جي هڪڙي اڻ ڇپيل ناٽڪ مان ورتل آهي. ڏسو ديباچو.

اندران بتول جو آواز ٿو اچي.]

بتول: [اندران سڏي] شمسي.

[شمسي ٻاڪ ڇڏائي، ٻه ٽي قدم وڃي، وري موٽي ٿي، ۽ هٿ احسان جي هٿ ۾ ٿي ڏئي. احسان سندس هٿ وٺي چُمي ٿو. شمسي پنهنجو هٿ آهستي ڇڏائي، ذرو هيٺ نهاري، پوءِ اوچتو ئي پنهنجي ڊگهيڙيل ٻانهن سان احسان جو ڪنڌ جهڪائي، سندس پيشانيءَ تي تڪڙو تڪڙو چمي ڏيئي، يڪدم اندر هلي ٿي وڃي. احسان ڪنڌ هيٺ جهڪايو، پيشانيءَ تي هٿ ڏيو، تيئن ئي ٻاهر نڪري ٿو وڃي.]

رفيق: [جو اُتي بيٺو آهي] اِسرار! عجب اِسرار!

[رفيق دروازي ڏانهن نهاريندو وائين ئي بيٺو آهي ته شمسي اندران پاڪٽون کڻي اچي ٿي، ۽ ڏاڪڻ واري پاسي لنگهي ٿي وڃي.]

رفيق: [ڏانهس ٻانهون ڊگهيڙي] انسان يا فرشتا!

[شمسي اچا ڏاڪڻ واري دروٽي آهي ته اندران بتول ٻيو پاڪٽون کڻي، شمسيءَ وانگر

پر آهستو آهستو، ڏاکڻ واري پاسي کان نڪري
ٿي وڃي. رفيق ڪيس روڪڻ لاءِ قدم به
وڌي ٿو، پر زبان نٿي اُڪليس. جڏهين
بتول نڪري ٿي وڃي ته رفيق ڪانئس اٺ
ڏهه قدم پٺ تي آهي.]

رفيق: [ ذرو ترسي ] منهنجي آزاريل بتول، منهنجي ڏکويل بتول. [هٿ ڏگهيڙي، روئندو.] برابر فرشتا! انساني شڪل ۾ فرشتا! [گوڏن ڀر جهڪي، اڌ روئندو ۽ ڏاڍيان] پاڪ آهي اُها خاڪ، جنهنکي اوهانجي قدم بوسي حاصل ٿي! [زمين چمي ٿو.]

[پردو اُماڪ ڪري ٿو.]

---

بئي ۽ ٽئي باب
جي وچ ۾ پنجن منٽن
ڪان وڌيڪ رخصت
هـوڻ نه گهرجـي.

## باب ڏهون

### ساڳئو ڏيکاءُ

[پردي کلڻ تي رفيق اچا اُئين ئي مٿو جهڪايو پٺ ۾ پيو آهي، جئن ئي باب ۾ پردي ڪرڻ وقت نظر تي آيو. ڏرو ترسي، سِر مٿي کڻي ٿو.]

رفيق: [اُٿي] فرشتا! فرشتا! انساني شڪل ۾ فرشتا! [خيال ۾، اڳيان اچي] اڄ هنن اکين ڪهڙا ڪهڙا اعتبار ۾ نه اچڻ جهڙا حادثا ڏٺا آهن! ڀلائي، بُرائي، عتاب، ثواب! [اڳتي وڌي] بيشڪ، دنيا هڪ طوفاني درياه آهي، جنهنجي خوفناڪ لهرن تي سج جي روشني پنهنجا ڪرتا ڏيکاري، انسان کي ڪهڙا نه عجيب غريب تماشا ڏيکاري ٿي! ۽ ڪروڪ مصيبت ۾ مبتلا دکي انسان، پاڻ انهن پل پل ۾ قرندڙن رنگن کي تماشو ڪري ليکي! هو ويچارو ته ائين پيو ڀانئين ته اِهي لهرون ڪيس نابود ڪرڻ لاءِ ئي پيدا ٿيون. [ڪرسيءَ وٽ اچي] اڄ مونکي معلوم ٿيو ته اکين هوندي به دنيا انڌي آهي. بتول، منهنجي

آزاريل بتول، منهنجي ڏکويل بتول، دنيا کي ڪهڙي خبر ته قدرت تنهنجو ڪئن امتحان ورتو! جهان کي ڪهڙي سڌ ته تقدير ڪهڙي پيانڪ باهه مان لنگهائي تنهنجي پرک ڪئي! دنيا! دنيا! ظالم شڪاري دنيا! بيرحم آهيري دنيا!— هن بيوس، بيگناهه پکيڙي جي آکيري کي آگ لڳائي، ڪيس بي گهر ننڍڙڪي ڪرڻ کان تو ڪين گسايو. هاڻي پلا اِها مت توکي چونئي اچي، جو هي جو سندس قيد، اُنهيءَ کي به آکيري جيان باهه ڏيئي برباد ڪرين؟ [ڪرسيءَ تي ويهي تو رهي، مٿو هٿن ۾ اٿس.]

[ڏاڪڻ واري پاسي کان بتول تانو ڪٽي اچي ٿي. سندس نظر پري ڪانئي رفيق تي پوي ٿي.]

بتول: [نزديڪ اچي] اَجنبي مسافر، اچا وينا آهيو؟

رفيق: هائو. هاڻ همراه آيو گهر جي.

بتول: بيو ڪجهه کپي؟

رفيق: همراه اچي ته پوءِ.

[بتول ذرو اڳتي وڌي، وري ڏانهس گهور سان نهاري ٿي. منجهيل نظر ٿي اچي، ۽ پنهنجي منهن تي هٿ ٿي ڦيرائي، ڄڻ سندس وهم ڪيس ڪُوڙي شڪل پيو ڏيکاري. پوءِ آهستو آهستو هلي ٿي وڃي. سندس وڃڻ کانپوءِ رفيق اُٿي ڪيس سڏڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، پر زبان نٿي اُڪليس. رفيق اندرئين دروازي ڏانهن نهاريندو بيٺوئي آهي، ته ڏاڪڻ واري پاسي کان کلڻ ۽ ڳالهائڻ جو آواز ٿو اچي، جو ٻڌندئي رفيق ويهي ٿو رهي. يارو ۽ رمزُو اچن ٿا.]

رمزو: [ايندي] هان، وٺ هيءَ تازي. [تازي تا هڻن] اهو سود و ٽيو هاڻ پڪو. پر اهو ڪم اڄ رات جوئي ٿيڻ گهرجي.

يارُو: نه، رمزُو سيٺ، اِهو ڪم صبوح جو ٿيندو. "ڪيا خوب سودا نقد هي؛ اِس هاٿه دي، اُس هاٿه لي!" [کلي ٿو.]

رمزو: سياڻي تي وري ڇو ٿو رکين؟ پئسن جو ڊپ تو نه ٿيئي ڇا؟ باسيا اٿم، اُنهن کان به سوايا ڏيندو سئين.

يارو: نه ڙي! رمزو سيٺ، تنهنجي زبان ئي آهي سون جو سِڪو! پر اڄڪي رات هيءَ قصو ٿئي، اِهو محال آهي. بيو نه، ته ناليَ جو نڪاح ته پڙهائبو. جهڙي آهي ماءُ، تهڙي آهي ڌيءَ. ائين ئي قبول ڪنديونئي ڪين؛ باقي نڪاح ۾ سو ماري به ميائين؛ ۽ وري — وري — خلق ته چوريءَ ڪي منهنجي ڌيءَ ڪري ٿي ليکي! آخر منهنجي به آبرو —

رمزو: مون سمجهيو. پر اڄ راتئي نڪاح ٿئو ٿي سگهي ڇا؟

يارو: اڄ رات ڇڏ ته آءٌ کين سمجهايان. ڪم، سڀاڻي صبوح جو قاضي گواه ڪوٺائي، پوءِ پڙهائيندا سين.

رفيق: [عجب ۾، پاڻمهاڙو] هان!

رمزو: ڇگو، پر —

يارو: نه نه بيو اُلڪو تون نه ڪر. اڳي مون وعدو نه پاريو آهي ڇا؟ هنئر ته مونکي پئسي جو ڪپ به آهي، سو ضرور انجام کي پاڻي ڏبو. هاڻ هل ته گهڙي اُتي ڪٿي هلي دل وندرايون. هڪ به جاءِ سُجهيم ته سهين.

رمزو: [ترسي] ڇگو هل. پر منهنجي دل ته ديواني ٿي چڪي آهي.

يارو: [کيس پٺيءَ تي همٿ هڻي] واه ڙي رمزو سيٺ! هل ته تنهنجي ديواني دل کي هوش ۾ آڻيون. [نڪري ٿا وڃن.]

رفيق: [خيال ۾، ٽڪڙو] حرص، اِهو حرص آهي جو بشر کي خوار ٿو ڪري؛ هن بيگناهه دنيا ۾ کيس گنهگار ٿو ڪري. خود خلقڻهار به انهيءَ کان باز نه رهيو! جيڪڏهن آدم جي طمع نه ڪري ها ته اڄ خلق جي آزار ۾ گرفتار ڇو هجي ها؟— نڪاح! صبوح جو نڪاح! ڏسجي ڪئن ٿو اِهو نڪاح ٿئي. [خيال ۾ پٺتي ٿو وڃي.]

[لطيف، وڏو ڪوٽ پيل اٿس، جنهن ۾ منهن لڪايو ڇورن جيان هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو، اندر لنگهي ٿو اچي. اندر اچي، ليٽو پائي، باهرئين در مان رستي تي نهاري رهيو آهي ته ڏاڪڙ واري پاسي کان شمسي گلاس ۽ دسترخوان کڻي ٿي اچي، سندس نظر لطيف تي پوي ٿي، جو پنيرو بيٺو آهي.]

شمسي: [لطيف کي ڏسي بيهي ٿي رهي] لطيف!

لطيف: شش! [نزديڪ اچي] ڪئن، امي ۽ بڊايو اٿيڙي نہ؟

شمسي: [ ڏانهنس چتائي نهاري ] هائو.

لطيف: چگو تہ پوءِ جلد ڪر تہ هتان يڪدم نڪري هلون.

شمسي: [ جا اچا ڏانهس چتائي پيٽي نهاري] صبر، هي رکي اچان.

[ شمسي هلي ٿي وڃي. لطيف کيسن ۾ هٿ وجهيو، هيڏانهن هوڏانهن اچ وڃ ٿو ڪري. ذري بعد شمسي موٽي ٿي. هٿ ۾ آرسي ۽ ڦڻي اٿس ۽ ڪُرسي و چڀر ڪري، ڪرسيءَ تي ويهي، آرسي گوڏن تي رکي، وار ڇوڙي ٿي. لطيف ڏانهس عجب ۾ پيو نهاري . ]

شمسي: [ وار ڪولي ] ڇو، هاڻ ڇا ٿو چوين؟

لطيف: [ڏانهس نهاري عجب ۽ ڪاوڙ ۾] هي ڇا پيٽي ڪرين؟ هن مهل وار ڇو پيٽي ناهين؟

شمسي: [ڦڻي هيٺ ڪري، ڏانهس چتائي ڏسي] وار ناهيان ٿي يا ڇوڙيان ٿي؟ [ کهرائيءَ سان ] اڄ

وري به نشي ۾ آهين؟ توکي پاڻ چوندي مونکي شرم ٿو اچي.

لطيف: ۽ تون پاڻ هن ناٽڪي اهڙي حالت هلي رهي آهين، جو توکي پڻ چوندي مونکي شرم نه اچي وڃي!

شمسي: [ وار ڇوڙي، مُشڪي ] ڇو، ڪهڙي هلت هلي رهي آهيان؟

لطيف: شمسي توکي ڪا سڌ پوئي ٿي ته تون هي هار سينگار ڪري ناٽڪي بوهي ۾ ٿي وڃين؟ ناٽڪين ڪانه ٿي ته هتي تون واڳڻ جي وات ۾ آهين؟

شمسي: [ آهستو ] ائين ته ائين ئي سهين! پيو به جتي اسانجي اميءَ ڏهه ورهيه گذر ڪيو، اُتي آءٌ به گذاري، سگهانٿي. پر لطيف، تون پاڻ پنهنجي سِرِ ڪهڙي زندگي ٿو بسر ڪرين، جو مونکي نيڪ صلاح ڏيڻ آيو آهين؟

لطيف: [ ڪاوڙجي ] شمسي!

شمسي: [ مشڪي ] تون پلي تپ. آءٌ ته سچ ٿي چوانءِ. هاڻي پڌ، اميءَ مونسان ڳالهه ڪئي؛ پر اميءَ ۽ مونکي توسان هلڻو نپٽ ڪونهي.

لطيف: ڇا، ڪا نہ هلنديں؟ اتي واڳن جي وات ۾ ئي رهنديں؟

شمسي: [ترسي] لطيف، انسان جو ڀيريون فرض اِهو بنهہ ڪونهي تہ خود پنهنجيءَ جند جي ڪري. زندگيءَ جي ڪاميابي ڪنهن ٻيءَ ڳالهہ ۾ سمايل آهي. [مشڪي] ڀر تو جهڙو اِها ڳالهہ ڪٿان سمجهي سگهندو!

لطيف: [جهلي جهلي] نہ شمسي، آءٌ سمجهي سگهانٿو. ڀر امي تہ اسان سان هلڻ لاءِ تيار هئي.

شمسي: ڪيڏانهن هلي؟ اڃا ڪيتري بد نامي سر تي کڻي؟ هي جيڪي مانُ ميٺ ۾ سهي ويئي، اُهو بس نہ آهي ڇا؟ لوڪ تہ ڪيس يارو جي نڪاح پڌي زال ڪري ٿا سمجهن. [لطيف خيال ۾ آهي.] نہ لطيف، تقدير گهڻيئي رنگ ڏيکاريا: اڃا بہ ڀل تہ جيڪي وٽنس اُهي ڏيکاري. تقدير کان ڀڄي ڇٽڻ جي ڪوشش عبث آهي.

لطيف: نيٺ تون ڇا ٿي چئين؟

شمسي: آءٌ چوانٿي تہ توکي پنهنجي جند جي سک جي ڳولها ۾ جيڏانهن وڻي اوڏانهن وڃ: ڀر منهنجي جاءِ اميءَ وٽ ئي آهي.

[اتي بتول اندران اچي ٿي.]

لطيف: [بتول کي اندران ايندو ڏسي] امي، امي، هن کي ڇا ٿيو آهي؟ هلڻ کان انڪاري ٿي بيٺي آهي.

بتول: [اندر اچي، ڏرو ترسي] مون لطيف، توکي اڳهڻو ڇا ٿيو؟ شمسيءَ جي دل کي آءٌ سمجهي نٿي سگهان. اڄ هڪڙيءَ ٻيءَ سهٽيءَ ڳالهه کان بس انڪار ڪيو اٿس.

لطيف: ڪهڙي ڳالهه؟

بتول: [شمسيءَ ڏانهن نهاري] احسان جهڙي نيڪ نيت جي آڇ موٽائي اٿس.

لطيف: [ڏکه ۽ ڪاوڙ ۾] شمسي، توکي ٿيو ڇا آهي؟

شمسي: [احسان جو نالو ٻڌي، زياده سهي نٿي سگهي. اوچتو قطي قتي ڪري، لطيف ڏانهن نهاري، ڏاريندڙ آواز ۾] لطيف، بس ڪر. تون منهنجو ڀاءُ آهين، نه سرڪردو. هونءَ نه جيڪر آءٌ توکي پنهنجو وڏو مائٽ ڪري سمجهان؛ پر گهر ڇڏئي پڇاڻان تون اسان سان پار ڪهڙا هليو آهين، جو هنئن تو اسانتي

حڪم هلائين؟ پنهنجي جند جان جي فڪر بنان ٻيو ڪجهه سُجهيئي ٻه تو؟ [روئي ٿي.]

لطيف: [بلڪل نرمائيءَ سان] آءٌ ته هيئر صرف تنهنجي پٽ جي خاطر —

شمسي: [روئي ڏاڍيان] منهنجي پٽ ٻُري جي ميار تو تي ڪانهي. تون لکيو پڙهيو آهين ته آءٌ ٻه چار اکر ڄاڻانئي؛ تون پنهنجو ڪمائي تو ڪاڻئين ته آءٌ ٻه پنهنجو پيٽ پاڻهي پيٽي پاريان. آءٌ چڱيءَ پر سمجهانئي ته منهنجو پٽ ٻرو ڇا پر آهي.

لطيف: [البت ڪاوڙجي] شمسي، توکي ڪهڙي خبر ته هتي رهڻ پر توکي ڪيترو جوکو؟ توکي ڪهڙي خبر ته پاڙ ڪير؟ امي، هن کي سمجهائين نٿي؟ هن کي دنيا جي ڪهڙي خبر؟

شمسي: [روئي، پر پاڻ سنڀالي] توکي دل جي ڪهڙي خبر؟ اندير وڏو دنيا جو، ڪين دل جو؟ وڏي دل، ڪين دُنيا؟

بتول: [شمسيءَ جي مٿي تي هٿ ڦيرائي] سچ ڏيءَ، ڏک سک جو مدار دل تي، نه دنيا تي.

لطيف: تڏهن تون ڪين هلنديءَ؟

شمسي: [اُٺي، پٺ مان ڦٽي ڪٽي] نہ.

لطيف: انهيءَ حرامخور جي گهر ۾ ٿي رهندين؟

شمسي: [پٺ ورائي]: مونکي وٺيو، اُٺي رهنديس. پنهنجي مالڪ پاڻ آهيان.

لطيف: ۽ امي، تون؟

بتول: [شمسيءَ ڏانهن نهاري، جا ڪنڌ هيٺ ڪيو، پنيري بيٺي آهي.] لطيف، [ٻانهن سندس ڪلهي تي رکي، کيس پاسي تي ڪري] هنئر تون وڃ؛ سيا ٽي ٻري اڇج. شمسيءَ کي آءُ پاڻ سمجهائي قبول تي ڪرايان. [قدم ٻہ ٻاهرئين دروازي ڏانهن وڌي] شاباس، هنئر وڃي سمهي آرامي ٿيُ. [دروازي تائين وني تي وڃيس. لطيف ڪنڌ هيٺ ڪيو، همٿ مهٽيندو، نڪري ٿو وڃي. بتول شمسيءَ ڏانهن موٽي ٿي، جا اڪيون اُگهندي، اندر وڃڻ جي ڪري ٿي. سڏي] شمسي.

شمسي: [اکيون اُگهي، پنيري] جيءُ امي.

بتول: [نزديڪ وڃي کيس ڳراٽڙي پائي] ڏيءَ تنهنجي دل کي مون اڄ سمجهيو. [شمسي مانٺ ڪيو، ڪنڌ جهڪايو بيٺي آهي.] توکي احسان—

شمسي: [ بتول جي وات تي هٿ ڏيئي] شش! بس امي، اها ڳالهه تي چڪي. [ بتول کي پاڪر ۾ وٺي ، اندر تي وڃي.]

رفيق : ”انڌير وڏو دنيا، ڪين دل جو؟ وڏي دل، ڪين دنيا ؟“ بس هن پڇا ڻان سنو لتو تئي . [اندرئين در ڏانهن وڌي تو ته رفيق تي نظر تي پئيس، ۽ ڏانهس اچي تو. وري به البت نشي ۾ تو لڳي.]

لطيف : [ نزديڪ اچي ] ڙي! تون اجا هتي وينو آهين ؟

رفيق : هائو، ڪنهنجي انتظار ۾ آهيان.

لطيف : [ سندس سامهون ڪرسيءَ تي ويهي ، ڏند پيڙي] هون —! مونکي به ڪنهنجو انتظار آهي.

رفيق : [ڪيس پوري هوش ۾ نه ڏسي] ڪنهنجو؟

لطيف : شش! [چوڌاري نهاري آهستو ] انهيءَ جو، جو وري مونکي ڪڏهن ڪين ملندو!

رفيق : ڇا!

لطيف : ” ڇا!“— پُٽ به نه آخر پيءُ جهڙو نڪرندو! خبر اٿيئي — پلا تنهنجو نالو ڇا؟

رفيق : آءٌ نه هتي مسافر آهيان.

لطيف: مسافر، هائو برابر مسافر. [ ڪيسي مان شراب جي شيشي ڪڍي] مسافر وٽ. [ رفيق ناڪار ٿو ڪري] نه؟ چڱو تڏهن —[ پٽي، شيشي بند ڪري وري ڪيسي ۾ وجهي ] مسافر، هائو مسافر. خبر اٿيئي ته منهنجو پيءُ ڪير هو؟ نه ڄڻي! ڪير آهي؟ چڱو جو ڪمبخت اڃا جيئرو آهي.

رفيق: [ پاڻ سنڀالي ] نه، ڪير آهي؟

لطيف: خوني! جوهريءَ جو خون ڪيو هوائين. هنئر جنم ٽيپ جي سزا پيو ڀوڳي.

رفيق: اُهو؟— آءٌ — آءٌ— ڪيس سڃاڻان.

لطيف: [سندس ٻانهن کان جهلي] ڇا چيئي؟

رفيق: مون — مون— چيو ته مون جيل ۾ خوني ڏٺا آهن، جي جنم ٽيپ—

لطيف: [شڪ ۾] سو ڪٿي؟ [ڏانهس گهور سان ٿو نهاري.]

رفيق: آءٌ — آءٌ — پاڻ جيل مان ٿو اچان.

لطيف: ڇا تون — [چتائي نهاري] نه. شڪل ته اهڙي ڪا نه اٿيئي. تون ضرور جيل جو ملازم هوندين.

رفيق: [تڪڙو] هائو، هائو.

لطيف: [سوچي] چڱو ڀلا، مونکي ٻڌاءِ ته سهين ته خونين کي ڪندا ڇا آهن.

رفيق: [بلڪل دلسوز ۽ ڏاريندڙ آواز ۾، جنهنجو لطيف تي اثر ٿيندو وڃي] ڇا ڪندا آهن! ڳالهه ئي نه پڇ! جيل خاني ۾ خونيءَ جو حال حيوان کان به بدتر آهي. ڏينهن رات اڪيليءَ ڪوٺيءَ ۾؛ نه سڄڻ نه ساٿي؛ گردن ۾ طوق؛ پيرن ۾ زنجير؛ هٿن ۾ هٿ ڪڙيون؛ — توبه —

لطيف: [ذرو ڏڪي] سچ!

رفيق: هائو، جيل جي زندگي ڪهڙو مصيبت جو ٽڪر آهي، اُنهي بابت اُنهن کان پڇ، جي اُتي ڪجهه وقت ڪاٽي آيا آهن. غليظ، ڳوڻين جهڙا ڪپڙا ڪرڻا؛ حيوانن جيان اُٺو ويهڻو؛ نالي جي عوض نمبر سان پڪارجڻو؛ دنيا جي اصل خبر نه پوڻي؛ خونيءَ جا حال اهڙا ته ٿين، جو نيٺ ديوانو ٿيو پوي. خوني! خوني! انهي کان وڌيڪ ڪمبخت انسان دنيا ۾ آهيئي ڪونه. دنيا جي ساري مصيبت سر تي کڻجي ته اهو بهتر آهي، انهيءَ کان جو خوني تي

ساري عمر جيئري ئي قبر ۾ داخل رهجي. شل ڪو
پُلي چُڪي به خون جي تهمت هيٺ نه اچي!

[لطيف هي سڀ خيال ڏيئي پي ٻڌو آهي،
۽ اڌنشيلي حالت ۾ به مٿس وڏو اثر ٿو
ٿئي. اڪيون ساڻهون ڪُپايو، خيال ۾ ويٺو
آهي. رفيق به ڏانهس گهور سان پيو نهاري.]

رفيق: [ڏانهس چتائي نهاري، مظبوطيءَ سان]
ڇو جوانمرد، خونيءَ جو حال ٻڌي، توکي ڏپ ڇو
وٺي ويو آهي؟

لطيف: سچ، خونيءَ جو حال اهو ٿو ٿئي؟

رفيق: سچ. حال اهو ٿو ٿئي. [اوچتو لطيف
جي ڪوٽ مان لڪل ڇُري ڪڍي] ڇو، هيءَ ڇا
آهي؟

[لطيف: [ڇرڪ ڀري، اُٿي] نه، نه، آءٌ خون
ڪونه ڪندس.

رفيق: خون! — ياخدا — ڪنهنجو خون؟

لطيف: ياروءَ جو! — مون نه ماءُ ۽ ڀيڻ جي
سلامتيءَ سانگي — [ڏڪي ٿو ۽ ڏند ڪرٽي ٿو.]

رفيق : مٿان ائين ڪيو اٿيئي، — لطيف !

لطيف : [وري ڇرڪ ڀري] ڇا ! منهنجو نالو توکي ڪٿان آيو؟

رفيق : دٻ نہ ڪر. آءٌ تنهنجو خيرخواه آهيان. تنهنجي ماءُ ۽ ڀيڻ جي ڏکن جي بہ مونکي سڀ خبر پيئي آهي. لطيف آءٌ توکي ايترو بہ ڄاڻايان ٿو تہ تنهنجو پيءُ خوني نہ آهي —

لطيف : [ٽپ ڏيئي اُٿي] هان !

رفيق: ۽هو بيگناهہ ثابت ٿيو، ۽ اڄ صبوح جو جيل مان آزاد ڪيو ويو.

لطيف: هان! بابو بيگناهہ ۽ هاڻي آزاد! يا خدا — يا خدا — ۽ پيءُ کي خوني سمجهي آءٌ بہ خون ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو هوس! سندس نالي کي ذري گهٽ داغ ڏنو هوم! [منهن هٿن ۾ ٿو لڪائي.]

رفيق: [اُٿي کيس ياڪر ۾ ٿو وٺي] جيڪي ٿيو سو ٿيو. تون هنڌ هتون نڪري وڃ. آءٌ توکي وعدو ٿو ڏيان تہ سڀاڻي صبوح جو ئي، تنهنجي ماءُ ۽ ڀيڻ کي وٺي، تنهنجو پيءُ توکي اچي ملندو، ۽ سڀ توسان گڏجي رنگون هلندا.

لطيف: [سندس هٿ کان جهلي] سچ؟

رفيق: ضرور! اِهو منهنجو پڪو وعدو اٿيئي. هنئر تون وڃي آرامي ٿي.

[لطيف ڏانهس نهاري، پوءِ سندس هٿ چمي ڪري ٿو وڃي. رفيق ڏرو ترسي، جوش ۾] يا خدا! پيءَ ڪي سچ پچ خوني سمجهي پاڻ ۾ خون ٿي ڪيائين! ويچارو غريب! سهي سهي آخر ڪيترو سهندو! پر شڪر — شڪر — [ڪنڌ جهڪائي خيال ۾ پئجي ٿو وڃي.]

[بتول اندران اچي، پهرين ٻاهريون در ٿي بندي. پوءِ بتي وسائڻ ٿي اچي ته سندس نظر رفيق تي پئي ٿي.]

بتول: [عجب ۾] اوهانجو همراه اچا نه آيو؟

رفيق: نه، پر هاڻي پهتو ڪيپي.

بتول: هاڻي اوهانکي ٻاهر ترسڻو پوندو. دڪان بند ڪرڻ جو وقت ٿيو آهي. [موٽي در کولڻ وڃي ٿي ته رفيق سڏيس ٿو.]

رفيق: بتول، [بتول جا پير زمين ۾ کُپي ٿا وڃن ۽ دل تي هٿ رکي ترڪڙو تڪڙو ساهه ٿي کڻي.] بتول!

بتول: [آهستو پنتي نهاري] يا خدا! تڏهن ڇا، منهنجو شڪ سچو آهي!

رفيق: بتول، تو مونکي سڃاتو ؟

بتول: اڙ دل ٻڌي اڙ ڪي ڪڏهن نه سڃاڻندي.

[تڪڙو] پر تون ڪڏهن ڇُٽين؟ هتي ڪڏهن پهتين؟

رفيق: اِهي ڳالهيون پوءِ. بتول آءٌ بيگناهه ثابت ٿيو آهيان.

بتول: بيگناهه! بيگناهه! او منهنجا خدا! رفيق، منهنجي بي ايمان دل ۾ تون وري نئين سر ايمان تو وجهين. آءٌ نه سچ پچ لوڪي خوني سمجهي، خود خداجي خدائيءَ جي مُنڪر ٿي چڪي هيس. اِهو سمجهي ڪين ٿي سگهيس ته تو جهڙو فرشته صفت انسان خون ڪڏهن ڪندو. رفيق — رفيق —

رفيق: [ڪيس پاڪر ۾ وٺي] اهي ڳالهيون پوءِ. هنئر اسانکي جهٽ هتان نڪري هلڻ گهرجي. صبوح تائين به ٽرسڻ شمسيءَ لاءِ خوفائتو آهي.

بتول: ڇا؟— [ٻاهر در تي لڪڻ جو آواز ٿو ٿئي].

آواز: [ٻاهران] در کول!

بتول: [ڊجي] هيءُ ته اچي پهتو!

رفيق: ڪير، يارو؟

بتول: هائو.

رفيق: [ڪاوڙ ۾] ڇڱو، اچڻ ڏينس.

بتول: [سخت ڊپ ۽ بي آراميءَ ۾] نه، نه، توکي خبر ناهي ته ڪهڙو خوفناڪ شخص آهي. تون ڪمزور آهين؛ توکي ڪو نقصان نه رسائي. [در تي وري ٺڪاءُ ٿو ٿئي.] رفيق، خدا جي خاطر، منهنجي خاطر، حال ڪٿي لڪي ويهه. [هيڏانهن هوڏانهن نهاري، ڏاکڻ واري پاسي، اِشارو ڪري] اِجهو هيڏانهن. ڏاکڻ جي هينان جلائو ڪاٺين جي پڙ پيئي آهي، تنهنجي پٺيان لڪي ويهه. آءٌ اجهو ٿي ڪنهن نه ڪنهن بهاني ٻاهر ڪيدانس. [ڪيس ڀاڪر ۾ جهلي ڏاکڻ واري پاسي ڏانهن وٺي] اسين هنئر ٿي هند ٽڪري هلنداسين. واڌ تان احسان ۽ لطيف کي به سڏيندا هلنداسين. او منهنجا خدا! منهنجا بند نيڻ تو خلاص ڪيا! تو منهنجي نيڻ ٻُڌي! منهنجي الله منهنجي ٻڌي؛ منهنجي ٻڌي!

[رفيق جوش ۾ آهي پر ماٺ ميٺ ۾ ڏاکڻ جي هينان اندر لنگهي ٿو وڃي.]

يارو: [باھران] جلد تي ڙي! ٻيني ٻيٺي منھجي تہ ٻيڻ ٿي نڪري ويئي آھي.

[بتول ٻاھريون در کولي ٿي، يارو لنگھي اندر تو اچي. ھٿ ۾ لڪڻ اٿس.]

يارو: [ڪاوڙ ۾، در وٺائي] ھيتري دير ڇو لاتيءَ: ڪو ٻيئو فقير ھوس ڇا! [بتول ماٿ ڪيو ڪنڌ جھڪايو بيٺي آھي.] شمسي ڪٿي!

بتول: اندر سمھي پيئي آھي.

يارو: وڃ، وڃي اُٿاري اچينس.

بتول: ھن مھل!

يارو: .. سندس نڪاح جو بندوبست سڀ تيار آھي.

بتول: نڪاح! ڪنھنسان؟

يارو: رمزو سيٺ سان. صبوح واريءَ گاڏيءَ ۾ شمسيءَ کي ساڻس روانو ٿيڻو آھي.

بتول: ڇا! — نہ، نہ. [بلڪل بي آرام نظر ٿي اچي.]

يارو: [ڏنڊ پيڙي] "نہ، نہ" جو آھي پڙھين

جي صاحبي! ڏهه ورهيه سانده ڪارايو پيارايو اٿمانس؛ نپائي وڏو ڪيو مانس؛ مٿس هيترو سارو خرچ ڪيو اٿم؛ ۽ هن ضرورت جي وقت، ڇا مونکي ڪم نه ڪان ايندي!

بتول: ضرورت؟ ڪهڙي ضرورت؟

يارو: توکي ڪهڙي خبر! تون ته ڪائي پي آرام ڪرڻ واري! هنئر آءٌ قرض ۾ ايترو ٻڏل آهيان، جو ڏينهن ٻن ۾ پئسا نه ڀريم ته لهڻيدار ويهاريندم جيل ۾. قسمت سان رمزو سيٺ ملي ويو، جنهن شمسيءَ سان نڪاح پونديءَ ڏهه هزار ڏيڻا ڪيا آهن.

بتول: [ڪاوڙ ۽ خوف ۾] نـــه، نـــه، ائين ڪڏهين نه ٿيندو.

يارو: ڇو؟ ٻڪ مرڻ ڪان ٻچايومانءِ تنهنجو بدلو ٿي ڏين ڇا؟ لوڪ ته شمسيءَ کي وري ٻـــه منهنجي ڌيءَ ٿا سمجهن، سو تون وري ڇا ڪري سگهندئين! وڃ، وٺي اچينس. رمزو سيٺ ٻاهر ترسيو ويٺو آهي. — ڇا، نٿي وڃين؟ — ڇگو، تڏهن هاڻ ڏس تماشو.

[پاڻ اندر وڃڻ جي ڪرڻ تو پر بتول سامهون
تي ڪيس روڪي ٿي.]

يارو: [لت هڻي] چل، هٽ!

بتول: نه، نه!

يارو: [ٻانهن کان جهلي هٽائي] چوانءِ ٿو
هٽ، نه ته —

[بتول نٿي هٽي ۽ يارو ڏند پيڙي لڪڻ سان
ڪيس ماري ٿو. بتول جي ڪيڪ تي
رفيق ڏاڪڻ جي هينان آهستو ٻاهر ٿو ٿئي.
سندس هٿ ۾ ڪُهاڙي آهي. ياروءَ جي
ڏانهس پٺ آهي. يارو بتول کي لڪڻ
سان پيو ماري.]

بتول: [رفيق کي وڌندو ڏسي] نه، نه! —
مٺان! — ياخدا —

[رفيق آهستو آهستو وڌي ڪهاڙي ورائي
ياروءَ جي مٿي ۾ ٿو هڻي. بتول خوفناڪ
ڪيڪ تي ڪري. يارو ڪري ٿو پوي.]

[پردو اُمالڪ ڪري ٿو.]